اَوائلي شايع ٿيل
سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

مرليڌر جيٽلي

84

پُشپ سٽون

آوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

مرليڌر جيتلي

اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه پريشد
٥/١، سرسوتي هائوسنگ سوسائٽي،
٨١٩-١اي، ڀواني پيٺ، پوني - ٤١١٠٤٢

مهاڳ

هن ڪتاب ۾ اهي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل 'سنڌي گرامر' جي آخر ۾ شايع ڪيون هيون. هن اهو ڪتاب سنه ۱۸۴۹ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو هو. انهن آکاڻين جي مکيه اهميت اها آهي ته نثر ۾ لکيل ۽ ڇاپي جي صورت ۾ آيل، اهي سڀ کان اڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن. جارج اسٽئڪ جو لکيل سنڌي گرامر هڪ ناياب ڪتاب آهي ۽ انهيءَ ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جا مثال ۽ اهي لوڪ ڪهاڻيون ديوناگري اکرن ۾ ڏنيون آهن. انهيءَ ڪري سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ ڪيترائي عالم، جن کي جارج اسٽئڪ جو لکيل گرامر هٿ نه آيو آهي يا جيڪي ديوناگري لپي پڙهي نٿا سگهن، انهن اڪثر پنهنجين لکڻين ۾ غلط ۽ اڌورا بيان ڏئي ڪيا آهن. ان ڪري ضروري سمجهيم ته انهن مڙني لوڪ ڪهاڻين کي عربي - سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپائي ظاهر ڪريان، جيئن سنڌ ۽ هند جا سنڌي عالم انهن جو مطالعو ڪري سگهن. انهيءَ سان گڏ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پيدا ٿيل ڪي غلط فهميون به دور ٿين. اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سؤ کن سال اڳ واري زماني جي ٻول چال واري سنڌيءَ ۽ آکاڻين ٻڌائڻ جي فن جا سهڻا مثال آهن.

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ 'سنڌي لوڪ ادب'

Availi Shaya Thiyala Sindhi Loka Kahaniyun

(The earliest published Sindhi folk-tales)

[A critical book containing five Sindhi folk-tales published by Captain George Stack in 'Sindhi Grammar' in 1849, and an evaluation of Stack's contribution to Sindhi Language and Literature.]

Writer :

Dr. Murlidhar Jetley

M.A. (Hindi - Sanskrit), M.A. (Linguistics), Ph. D. (Linguistics)

Head of Sindhi Section,
Department of Modern Indian Languages,
University of Delhi,
DELHI - 110 007

First Edition : August, 1986

Price : Rs: 20/-

Publisher :

Akhil Bharatiya Sindhi Sahitya Parishad,
1/5, Saraswati Housing Society,
819-A, Bhawani Peth, PUNE-411 042.

(Published with financial assistance from M/s. P.V. Kishnani Trust, Pune-1)

Printer :

Shri Girdhari Lal Gur,
Kohinoor Printers,
Shekha Mohalla, Diggi Bazar,
AJMER - 305 001

ڪريم بخش خالد 'سنڌي صحافت' نالي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ ۾ پهريان اخبار سنه ۱۸۴۴ع ۾، ڪراچيءَ مان سر چارلس نيپئر جي ٻرپا ڪيل سرڪاري ڇاپخاني مان شايع ٿي. انهيءَ جو نالو هو 'سنڌ ائڊورٽائيزر'. ٻئي طرف، لئمبرڪ ان اخبار جو نالو 'ڪراچي ائڊورٽائيزر' لکيو آهي، جيڪو صحيح آهي.

'سنڌ سڌار' اخبار جي شروع ٿيڻ جو سال لالچند جڳتياڻيءَ ۱۸۸۰ يا ۱۸۸۲ لکيو آهي. غلام محمد گراميءَ 'سنڌي لٽوگراف' (مهراڻ ۱۹۶۴، نمبر ۱) نالي مضمون ۾ ان اخبار جي شروعات ۱۸۸۲، ۱۸۸۴ يا ۱۸۸۷ ڌاري ڄاڻائي آهي. 'سنڌي صحافت' نالي ڪتاب ۾ ڪريم بخش خالد ته ان اخبار جي ٻرپا ٿيڻ جو سال خاطريءَ سان ٻڌائي نه سگهيو آهي. حقيقت ۾ اها اخبار سنڌ جي تعليم کاتي طرفان سنه ۱۸۶۶ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي، پوءِ سنه ۱۸۸۴ع ۾ ان جون واڳون ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اداري 'سنڌ سڀا' کي سونپيون ويون. ان سڀا طرفان ۱۸۸۴ کان ۱۸۸۷ع تائين، ساڌو هيرانند 'سنڌ سڌار' جو ايڊيٽر هو. ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ سڀا' ڪهڙي سال ۾ ٻرپا ٿي، انهيءَ جو اڃان تائين خاطريءَ جوڳو احوال ملي نه سگهيو آهي.

سنه ۱۸۵۳ع ۾ سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس، پنهنجيءَ صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته عربي - فارسي اکرن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ الف - بي جو هڪ نئون سرشتو تيار ڪجي. ان ڪاميٽيءَ طرفان تيار ڪيل 'الف - بي' جا چارٽ جولاءِ ۱۸۵۳ع ۾ اسڪولن ۾ وراهيا ويا. ڪن سنڌي تاريخ نويسن لکيو آهي ته اها ڪاميٽي سنڌيءَ لاءِ ڪنهن هڪ

جي پراجيڪٽ هيٺ، گهڻيئي سنڌي لوڪ ڪهاڻيون گڏ ڪري شايع ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب ۾ جيڪي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، انهن مان فقط راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي، اڏارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جي ترتيب ڏنل صورت ۾ انهن ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. اها ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڏنل انهيءَ ڪهاڻيءَ جو فقط نقل آهي. باقي بيون چار ڪهاڻيون 'سنڌي لوڪ ادب' سيريز جي ڪتابن ۾ شامل ڪيل نه آهن. شهزادي امل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي لوڪ ڪهاڻي، جيڪا جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر ۾ ڏني آهي، اها موضوع توڙي فن جي لحاظ کان، سنڌي لوڪ ادب جو هڪ املهه رتن آهي. عجب جي ڳالهه آهي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ سنڌس رهنمائيءَ ۾ لوڪ ادب سهيڙيندڙ عملي کي اها لوڪ ڪهاڻي زباني روايتن ۾ يا لکيل صورت ۾ هٿ نه آئي آهي.

سنڌي ادب جي تاريخ تي هيستائين سنڌ ۽ ڀارت ۾ گهڻائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. انهن کانسواءِ ادبي رسالن ۾ سنڌي ادب جي اوسر تي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون به گهڻائي ڇپيا آهن. ان هوندي به سنڌي ساهتيه جا ڪيترائي اهڙا پهلو آهن، جن تي اسان کي وڌيڪ کوج ڪرڻ جي ضرورت آهي. اوائلي ۽ وچين دور جي ته ڳالهه ئي ٻي رهي، پر سنه ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ واري سال کان وٺي، سنڌي ادب جي جيڪا ترقي ٿي آهي، ان ۾ به ڪيترن حقيقتن جي اسان کي صحيح ۽ پوري ڄاڻ حاصل ڪانه ٿي سگهي آهي. جدا جدا تاريخ نويسن ۽ ليکڪن الڳ الڳ ڳالهيون پئي بيان ڪيون آهن. ڪجهه مثال ڏسو:-

ڪري، سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر کي پيش ڪئي هئي. مون جڏهن اها رپورٽ هٿ ڪري نظر مان ڪڍي، تہ معلوم ٿيو تہ ايلس صاحب سنہ ١٨٥٣ع ۾ جڏهن ڪاميٽيءَ کان ٽئون الف-بي جو سرشتو تيار ڪرايو، اُن ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن ميمبر ڪون هئا. حقيقت ۾ سنڌيءَ لاءِ رسم الخط چونڊڻ جي باري ۾ انهن ٻنهي عالمن جا رايا بارٽل فريئر ۽ ايلس اڳ ۾ ئي معلوم ڪيا هئا. ان ڪري ايلس صاحب، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جو عربي-فارسي اکرن مقرر ڪرڻ جي فائدي ۾ آرڊر ملڻ شرط، سنہ ١٨٥٣ع ۾ انهن اکرن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ آئيويٽا جو ٽئون سرشتو تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو هن، ڪاميٽيءَ ۾ وري ٽئين سر سنڌيءَ لاءِ ڪو هڪ رسم الخط چونڊڻ بابت بحث ڇيڙڻ واجب نہ سمجهيو.

اهڙي قسم جا غلط بيان، جارج اسٽئڪ جي 'سنڌي گرامر' ۾ ڇپيل لوڪ ڪهاڻين بابت بہ ڪن تاريخ نويسن لکيا آهن. محمد صديق ميمڻ کي جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڇپيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي ڄاڻ نہ هئي. 'سنڌي اَدب جي تاريخ' ۾ هن ڪنهن بہ هنڌ اُن جو ذڪر نہ ڪيو آهي. ميمڻ صاحب کي فقط اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جو ١٨٦١ع ۾ عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپايل 'راءِ ڏياچ جو قصو' نظر آيو آهي. ان ڪري هن صاف لفظن ۾ لکيو آهي تہ، اُڌارام ٿانورداس اها آکاڻي زباني روايت مان ٻڌي لکي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي؛ ۽ آکاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪو بيت آهي، اهو اُڌارام جو ئي ٺاهيل آهي. (ڏسو- تاريخ سنڌي اَدب، ڀاڱو ٢. صفحو ٨٥-٨٨) جيڪڏهن ميمڻ صاحب، اسٽئڪ جي گرامر ۾ لکيل راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي پڙهي ها، تہ کيس هڪدم معلوم ٿئي

رسم الخط جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي ويئي هئي.
اها ڳالهه صحيح نه آهي. محمد صديق ميمڻ، 'سنڌي ادب جي تاريخ' (پاڱو پهريون، ١٩٦٣ وارو ڇاپو، صفحو ١٩-٢٠) ۾ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا به لکيا آهن، جن ۾ هڪ آهي خان بهادر مرزا صادق علي بيگ. ان لسٽ کي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ (ڏسو، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ١٩٤١، صفحو ٢٨٠)، غلام علي الانا (ڏسو، سنڌي صورتخطي، نئون ڇاپو، ١٩٦٩، صفحو ٣٦-٣٧) ۽ ڪن ٻين ليکڪن به دهرايو آهي. ڀيرو مل آڏواڻيءَ صاف لکيو آهي ته مرزا صادق علي بيگ، سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ مرزا قليچ بيگ جو مربي پيءُ هو. مون جڏهن مرزا قليچ بيگ جي لکيل آتم ڪٿا وارو ڪتاب 'سائو پن يا ڪارو پنو' پڙهيو، تڏهن معلوم ٿيو ته مرزا صادق علي بيگ ١٨٤٥ع ۾ ڄائو هو. قليچ بيگ جون ڏنل تاريخون ۽ سال خاطريءَ جوڳا آهن. ان حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا مرزا صادق علي بيگ کي سرڪار ١٨٥٣ع ۾ اٺن سالن جي عمر ۾ ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو؟ ضرور ڪٿي نه ڪٿي ڪا غلطي ٿي آهي. ڪاميٽيءَ جا ميمبر ڪير ڪير هئا ۽ ڪاميٽيءَ ۾ ڪهڙن موضوعن تي بحث ٿيو، ان جي صحيح تصديق ان وقت جي سرڪاري رڪارڊن مان ئي ڪري سگهجي.

غلام علي الانا 'سنڌي صورتخطي' (نئون ڇاپو، ١٩٦٩) ڪتاب ۾ ايلس جي صدارت هيٺ مقرر ڪيل انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن جا نالا به ڄاڻايا آهن (صفحو ٣٦-٣٧). هن ان سلسلي ۾، "سنڌ ۾ تعليم بابت رپورٽ" (Report on Education in Sindh) مان حوالا به ڏنا آهن. اها رپورٽ ايلس ١٨٥٥ع ۾ تيار

مثال طور ضميمي ۾ ڏني آهي. اهڙيءَ طرح، 'سنڌي ادب جي تاريخ' تي لکيل ڪتابن ۾ مون کي ٻيا ٻه چڱائي مثال مليا آهن، جن ۾ هڪ ليکڪ جي غلط بيان کي، تصديق ڪرڻ کان سواءِ ٻين ليکڪن پڻ دهرايو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، طرفان لوڪ ادب سلسلي جي اٺين ڪتاب 'سورٺ - راءِ ڏياچ ۽ ٻيرو ٻانڀڻو' (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سال ١٩٧٦) ۾ صفحي ١٠٤ کان ١١٤ تائين اڌارام ٿانور داس مير چندائيءَ جو ترتيب ڏنل 'راءِ ڏياچ جو قصو' ڏنل آهي. اهو اڌارام سنه ١٨٦١ع ۾ نئين تيار ڪيل عربي - سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپايو هو. ان جي ڀيٽ، جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻيءَ سان ڪبي ته هڪدم ظاهر ٿي پوندو ته اڌارام فقط ڪن هنڌن تي لفظن جي معمولي تبديل ڪري، اسٽئڪ جي گرامر تان اها آکاڻي اُتاري آهي.

سنه ١٨٦١ع ۾ اڌارام ٿانور داس، راءِ ڏياچ جي قصي سان گڏ ٻيون ٻه ڏهه آکاڻيون شامل ڪري، آکاڻين جو مجموعو ڇپايو هو. اهو ڪتاب لنڊن ۾ ڇپيل آهي. ان ۾ اسٽئڪ جي گرامر مان ڏاهرين واري ڪهاڻي به اُتاري ڏني وئي آهي. ان مان به ثابت آهي ته اڌارام وٽ اسٽئڪ صاحب وارو سنڌي گرامر موجود هو، جنهن مان هن سنڌي ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي آهي. اڌارام سنڌي ساهتيه جا گهڻا پرڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. هن لعلي پڳت جو نظم ۾ جوڙيل ڪامسين ۽ ڪامروپ جو قصو به هٿ ڪيو، جيڪو اصل ۾ ديوناگري اکرن ۾ لکيل هو. هن اهو عربي - سنڌي صورتخطيءَ ۾ اُتاري تعليم کاتي کي ڏنو، جنهن سنه ١٨٦٩ع ۾ ان کي ڇپائي ظاهر ڪيو. ساڳيءَ طرح ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ گرمکي اکرن ۾ لکيل ساميءَ جي سلوڪن کي عربي - سنڌي لکاوٽ ۾ آڻي، سنڌي

وڃي ها ته اُڌارام فقط اُن گرامر مان آکاڻي کڻي، عربي- سنڌي اکرن ۾ معمولي تبديل سان اُتاري ڇپائي آهي.

منگهارام اُڌارام ملڪاڻيءَ کي به جارج اسٽئڪ جو گرامر هٿ نه لڳو آهي. هن ڏيارام وسطمل ميرچنداڻيءَ جي تيار ڪيل ڪتاب 'چونڊ سنڌي نثر' مان معلوم ڪيو ته راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي اصل ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ درج ٿيل هئي. بس، پوءِ ڪيس ڇڏڻ نه وڏي ثابتي ماي وئي. ملڪاڻي صاحب شد مد سان اعلان ڪيو ته ڏيارام کي خبر ئي ڪانه آهي ته اِها آکاڻي سنڌس ئي خاندان جي ليکڪ اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ زباني روايت مان لکي، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي ڏني هئي. اِن آکاڻيءَ جو ليکڪ اُڌارام آهي، اِن جي جاچ ڪيس مٿين جي ڪتاب مان ملي. ملڪاڻيءَ اِهو فيصلو ڪندي، اِن حقيقت تي بلڪل ڌيان ئي ڪونه ڏنو ته جارج اسٽئڪ جڏهن ١٨٤٦-٤٧ ڌاري پنهنجي لکيل گرامر جو دستخط مڪمل ڪيو، تڏهن اُڌارام ٿانورداس تيرهن چوڏهن سالن جو ٻار مس هو. (اُڌارام سنه ١٨٣٣ع ۾ ڄائو هو). اِهو ڪوڙ وڏي دل سان ٿو لڳي ته اسٽئڪ سنڌ جي سڀني عالمن کي ڇڏي، هڪ ٻار کي اِها آکاڻي هٿ ڪري لکي ڏيڻ لاءِ چيو هوندو. ملڪاڻي صاحب 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۾ اِهو به لکيو آهي ته اسٽئڪ جي گرامر ۾ ٻين آکاڻين سان گڏ، دودي چنيسر جو اصلي قصو به ڇپيل آهي (صفحو ١٦). اِهو به بلڪل غلط بيان آهي.

لالسنگهه اجواڻيءَ انگريزيءَ ۾ لکيل 'سنڌي ادب جي تاريخ' ۾ ڪنهن به سوچ ويچار کان سواءِ، ملڪاڻي صاحب جي بيان کي سند طور مڃي، لکيو آهي ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر ۾، اُڌارام ٿانورداس جي لکيل 'راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي' سنڌي نثر جي

شوري ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾ ڪتابن جو اڪثر ڀنڊار ڏٺم. پر اُتي جي لائبرري اسٽاف ۾ هڪ به شخص نظر نه آيم، جيڪو ديوناگري، گجراتي، گرمکي وغيره اکرن کان واقف هجي. ايتري قدر جو اُتي ڪم ڪندڙن کي جڏهن هڪ الماريءَ مان جارج اسٽئڪ جون مرتب ڪيل سنڌي لغاتون ڪڍي ڏيکاريم ۽ ٻڌايومان ته اهي سنڌي ٻوليءَ جون اوائلي ڊڪشنريون آهن، ته ويسه نه پيو اچين. کين اِها ڄاڻ ٻڌهه ڪانه هئي ته سنڌي اِنهن اکرن ۾ به لکي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن تي انگريزيءَ کان سواءِ هندي، گجراتي، راجستاني، مراٺي وغيره ٻولين ۾ به نهايت ڪارائتا ڪتاب شايع ٿيل آهن. اهڙن ڪتابن جي سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾ اڻاٺ آهي، ڇاڪاڻ ته اِهن ٻولين جا ڄاڻو اُن مرڪز ۾ نه آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق لاءِ ضروري آهي ته اسين پنهنجيءَ کوج جو دائرو فقط سنڌ تائين محدود نه رکون. سنڌ جي سرحد سان لڳل جيڪي ڀارت ۾ علائقا آهن (جيئن ته، راجستان، ڪڇ ۽ گجرات توڙي انهن جي نزديڪ پنجاب، هرياڻا، مهاراشٽر ۽ ٻيا علائقا)، انهن جي ٻوليءَ، ادب ۽ تمدن سان ڀيٽ ڪندي، اسين جدا جدا موضوعن جو اڀياس ڪريون. اُن سان ڪيتريون نيون حقيقتون روشنيءَ ۾ اينديون. قاضي قادن جا وڌيڪ سنڌي بيت، راجستان ۽ هرياڻا جي مندرن ۾ رکيل ڌرمي پوٿين مان مليا آهن. پراڻنات ۽ دادو دايال جي سنڌي واڻي به ديوناگريءَ ۾ لکيل انهن سنتن جي پنٿ وارن ڌرمي ڪتابن مان هٿ آئي آهي. راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ادب ۾ ڪيتريون ئي روايتون ۽ ڪهاڻيون آهن، جيڪي سنڌ جي لوڪ

أدبي جڳت ۾ اُنهن کي مشهور ڪيو. اهي عالم جيڪڏهن ديوناگري ۽ گرمکي اکرن کان واقف نه هجن ها، ته سنڌي أدب جون اهي اکرن ۾ لکيل رچنائون شايد روشنيءَ ۾ نه اچن ها.

تازو اٺيتاليهن سالن بعد مونکي پنهنجيءَ جنم ڀونءِ سنڌڙيءَ جي پاڪ پٽي اکين کي لائڻ جي خوشنصيبي حاصل ٿي. گهڻن ئي عالمن ۽ فاضلن سان ڪچهريون ٻه ٿيون. اتي سنڌ جي ٻوليءَ ۽ أدب، تاريخ ۽ ثقافت تي گهڻو ئي تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي. پر سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي عالم مس نظر آيم، جيڪي عربي - فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ، سنڌيءَ سان تمام ويجهو رشتو رکندڙ ٻين ٻولين (جهڙوڪ، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، هندي، گجراتي، مراٺي، راجستاني، وغيره) جو به علم رکن ٿا ۽ جدا جدا لکاوٽون (مثال طور، ديوناگري، گجراتي، گرمکي، بنگلا، وغيره) به ڄاڻن ٿا. جس آهي سنڌيءَ جي بزرگ عالم عبدالڪريم سنديلي کي، جنهن ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۽ لکاوٽن جو اڀياس ڪيو آهي. سندس شخصي ڪتبخاني ۾ مختلف ٻولين جون اٽڪل اڍائي سؤ کن ڊڪشنريون آهن. هو صاحب سنڌي لفظن جي اشتقاق ڳولهڻ ۽ سنڌيءَ جي ٻين لسانياتي پهلن تي کوج ڪرڻ لاءِ، جدا جدا ٻولين جي ڊڪشنرين ۽ وياڪرڻن لئي ڏينهن رات لڳو پيو ٿيندو رهي ٿو. ان اڻٿڪائي پورهئي سببان سندس صحت تي به گهڻو اثر پيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ أدب جي کوجنا جي ڏس ۾ سنڌ جي ٻين به کن ليکڪن ۽ محققن (جهڙوڪ، سراج الحق ميمڻ، تنوير عباسي، عبدالمجيد ميمڻ سنڌي) ديوناگري، گجراتي وغيره اکرن جو علم حاصل ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪئي آهي. ٻئي طرف، جم

آوائلي شايع ٿيل

سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

اسان کي هيستائين جيڪي به نثر ۾ لکيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڇپيل صورت ۾ حاصل ٿيون آهن، اُنهن ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽيون ڪهاڻيون اُهي آهن، جيڪي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي تيار ڪيل 'سنڌي گرامر' ۾ شايع ڪيون آهن. هي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون زباني روايتن مان چونڊي، گرامر جي آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ اَدب جي اڀياس لاءِ مثال طور ڏنيون آهن. جارج اسٽئڪ سن ١٨٤٩ع ۾ اِهو گرامر بمبئيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو هو، جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي* هن اِنهيءَ ڪتاب جو مهاڳ ٻهرين مارچ، ١٨٤٧ع تي لکيو هو، جنهن جي حاشئي ۾ ڄاڻايو اٿس ته وٽس اِنهيءَ گرامر جو دستخط اٽڪل ٽن سالن کان تيار رکيو هو، پر ڪيترن ئي سببن ڪري اِنهيءَ جي اِشاعت ۾ دير ٿيندي وئي هئي. جارج اسٽئڪ جو ويچار هو ته گرامر جي آخر ۾ چونڊ سنڌي اصطلاحي جملا ۽

---

* Captain George Stack, A Grammar of the Sindhi Language, American Mission Press, Bombay. 1849. (Printed by Order of the Government of Bombay; T. Graham, Printers)

ادب ۾ به ملن ٿيون ۽ سنڌ جي سونهاري شاهه عبداللطيف جو ڪيترو ڪلام ڪڇ، ٻاڙميڙ، جيسلمير، ۽ جوڌپور جي عوامي شاعرن ۽ ڳائڻن وٽ اڄ به زباني روايتن ذريعي محفوظ آهي. سنڌ جي لوڪ ڪلا، راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ڪلا سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. اِنهيءَ ڪري سنڌ ۽ هند جي سنڌي عالمن لاءِ لازمي آهي ته هو تقابلي ۽ مشابهتي اڀياس طرف به ڌيان ڏين. اِن طرح، سنڌي ثقافت ۽ تاريخ جا ڪيترا نوان پهلو روشنيءَ ۾ آڻي سگهبا. اِن سلسلي ۾ مان خاص طور سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن کي عرض ڪندس ته هو پنهنجيءَ يونيورسٽيءَ ۾ ڀارت جي ٻين به مکيه ٻولين جي تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪن. اِن سان اُتي جي ڪيترن نين نوجوان محققن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تقابلي اڀياس ڪرڻ لاءِ به چاهه پيدا ٿيندو ۽ سندن نظرئو وڌيڪ وسيع بڻبو.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي رچنائن جو مطالعو ڪندي، مون گهڻي ڪوشش ڪئي ته هن عالم جي زندگيءَ جو سربستو احوال ۽ سندس فوٽو به هٿ ڪري هن ڪتاب ۾ پيش ڪريان. اِن لاءِ ڀارت جي جدا جدا لائبريرين ۾ پراڻا رڪارڊ ۽ دستاويز به جاچيا اٿم. پر اڃان تائين ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي آهي. اِن ڪري اسٽئڪ صاحب بابت جيتري ڄاڻ ملي سگهي آهي، في الحال اُن تي ئي سنتوش ڪرڻو پيو آهي. ممڪن آهي ته سنڌ آرڪائيوز جي رڪارڊن مان جارج اسٽئڪ بابت وڌيڪ معلومات حاصل ٿي سگهي. سنڌ جا محقق جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هن عالم تي وڌيڪ روشني وجهندا ته اِنهيءَ ڪم جي پورائي ٿي سگهندي.

دهلي، ۲۷ آگسٽ، ۱۹۸۶.

مرلڌر جيٽلي

عالمن ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو اهميت ڀريو درجو آهي. هو سر چارلس نيپيئر جي اياڻڪاريءَ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. کيس جدا جدا ٻولين جي اڀياس ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. سنسڪرت، هندي، اردو ۽ ٻين ڪن هندوستاني ٻولين ۾ اڳيئي هن کي مهارت حاصل هئي. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پهچندي شرط هن سنڌي ٻولي سکڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڏس ۾ اسٽئڪ کي ڪي ٻه ڪارائتا ڪتاب نظر نه آيا. هن کان اڳ پرنسيپ، واٿين، رنموس، ايسٽ وڪ، ۽ ليچ سنڌي ٻوليءَ تي ڪجهه معلومات ڏيندڙ وياڪرڻ جا خاڪا ۽ سنڌي لفظن جون فهرستون ڇپائي ظاهر ڪيون هيون. پر انهن ذريعي ٻوليءَ سکڻ ۾ گهڻي واهر ڪان ٿي ملي. انهيءَ ڪري جارج اسٽئڪ من ئي من ۾ پڪو ارادو ڪيو ته جلد ۾ جلد سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪري، انهيءَ جو گرامر ۽ ڊڪشنري تيار ڪري شايع ڪرايان. انهيءَ سان سنڌ ۾ ڪم ڪندڙن ٻين به يوروپي عملدارن کي سنڌي سکڻ ۾ مدد ملندي. بس، پوءِ ته هو انهيءَ ڪم کي جنبي ويو. روزاني زندگيءَ ۾ سنڌ جي جدا جدا حصن جي رهاڪن جي سنڌيءَ ۾ گفتگوءَ ۽ اُچارن توڙي لهجن جي باريڪين کي جاچڻ لڳو. ان طرح ٻڌندي ٻڌندي هن سنڌيءَ جو علم حاصل ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ سٽاءَ جا نيم تيار ڪيا ۽ سنڌي لفظن جو جهجهو خزانو ته پاڻ وٽ گڏ ڪيو.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 'سنڌي گرامر' جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته کيس سنڌ ۾ هڪ به سنڌي شخص نه مليو، جنهن کي پنهنجيءَ مادري زبان جي وياڪرڻ جي ڄاڻ هجي ۽ هو سنڌي ٻوليءَ جي لساني خوبين کان واقف هجي.

ڀاڱا ۽ ڏڄن. پر بيماريءَ سبب پنهنجي ڪتاب ۾ اهو اضافو نه ڪري سگهيو هو.

سنڌي نثر توڙي نظم ۾ قصن ۽ داستانن، ڳالهين ۽ آکاڻين چوڻ جي زباني روايت گهڻي آڳاٽي آهي. اهي وچنائون سيني نه سيني، هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ کي ملنديون رهيون آهن. پر سنڌي لوڪ ادب جو اهڙو ذخيرو ارڙهين عيسوي صديءَ کان اڳ، لکيل صورت ۾ اسان تائين نظر ڪونه آيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق، تحريري صورت ۾ حاصل ٿيل، آڳاٽي ۾ آڳاٽو قصو ڪڇ جي شاعر سيد فاضل شاهه جو نظم ۾ لکيل 'ليليٰ مجنون' آهي. اهو هن ٢٧ رمضان ١١٣٦ هه. (= ١٧٢٣ع) تي جوڙي راس ڪيو هو.* ٻئي طرف جيڪڏهن اسين سنڌي نثر ۾ جوڙيل قصن ۽ داستانن، ڳالهين ۽ آکاڻين جي تاريخ جاچيون ته معلوم ٿيندو ته، سنه ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ واري زماني ۾، هڪ به اهڙي قسم جي سنڌي نثر ۾ وچنل لکيل صورت ۾ اسان کي حاصل ڪانه ٿي آهي. اِهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ تي پهريون عالم آهي، جنهن زباني روايتن ۾ مروج نثر ۾ چيل پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون چونڊي، سنه ١٨٤٩ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيون.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ڪوجنا ڪندڙن يورپي

---

* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مشهور سنڌي قصا، ٻاهريان قصا ۽ عشقيه داستان، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٤، مقدمه ج. ٤؛ ص. ٢٢.

ڪيو. نه فقط ايترو، پر پنهنجي آفيس جي جوابدارن کي
منهن ڏيندي، هن سنڌيءَ جي وياڪرڻ ۽ ڊڪشنرين ٺاهڻ جو
ڳانٽي ڀڳو ڪم به همت ۾ ڪيو. پر اِنهن ڪتابن جي تيار ڪرڻ
۾ سندس سامهون وري اِهو مکيه مسئلو سنڌي رسم الخط
جو پيدا ٿيو. هن ڏٺو ته سنڌيءَ لاءِ ڪابه هڪ مقرر
لکاوٽ آهي ئي ڪانه. مسلمان ڪاتب صوفياڻي ڪلام ۽
مذهبي ڪتابن لکڻ لاءِ عربيءَ جي اَٺاويهن اکرن يا
فارسيءَ جي ٻٽيهن اکرن کان ڪم وٺن ٿا. اِنهن ۾ ٿوري
تبديل ڪري سنڌيءَ جي خاص اُچارن کي لکڻ جي
ڪوشش ڪن ٿا. پر هر ڪنهن ڪاتب جي لکڻ جو طريقو
پنهنجو آهي. اِنهن اکرن ۾ سنڌيءَ جي لکڻ جو ڪوبه
مقرر سرشتو نه آهي. ٻئي طرف، ڪيترا هندو، سنڌي
ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ ديوناگري اکرن جو استعمال ڪن ٿا
يا گرمکي اکر ڪتب آڻين ٿا. ڏيتي-واپار جي لکپڙهه
۽ وهين لکڻ ۾ وري "سنڌي" (هندو-سنڌي،
خوجڪي، ميمڻڪي لپي) اکرن جو استعمال ڪيو وڃي
ٿو. اُنهن اکرن جا به سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ الڳ
الڳ نمونا آهن. اِنهن مان ڪنهن به لکاوٽ کي سرڪاري،
سنڌي لکڻ لاءِ ڪوبه مقرر سرشتو تيار نه ڪيو ويو آهي.
اِن حالت ۾ جارج اسٽئڪ لاءِ مکيه سوال اِهو پيدا ٿيو ته
هو سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنرين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ
لاءِ ڪهڙو رسم الخط اپنائي. آخر گهڻيءَ ڳڻ ڳوت بعد،
هن پنهنجن ڪتابن ۾ ديوناگري اکرن ۾ گهربل تبديل
ڪري، اُنهن کي سنڌي لکڻ لاءِ استعمال ڪيو. اِنهيءَ
فيصلي جا مکيه سبب جارج اسٽئڪ اِهي ڄاڻايا آهن ته
سنڌي آريائي نسل جي ٻولي آهي جنهن لاءِ اِها لکاوٽ
وڌيڪ موزون آهي. ٻيو ته، هندستان ۽ سنڌ ۾ جيڪي

پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل سنڌي به ائين سمجهندا هئا ته سنڌي ته مسخرن جي لائق ٻولي آهي. مسلمان عربي - فارسيءَ جو علم حاصل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا ته ٻئي طرف هندو وري فارسي يا هندي ۽ پنجابي سکڻ ۾ شان سمجهندا هئا. ڏسجي ته جارج اسٽئڪ جي انهيءَ بيان ۾ وڌاءُ ڪونه ٿو لڳي. اسين ٽالپرن جي زماني جي تعليمي حالتن تي نظر ڊوڙائينداسين ته معلوم ٿيندو ته مڪتبن ۾ مکيه طور عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. ڪيترا سنڌي هندو به مدرسن ۾ فارسي سکندا هئا ۽ گهرن يا پاٺشالائن ۾ سنسڪرت ۽ هندي سکندا هئا. تعليمي سرشتي ۾ سنڌي سيکارڻ کي ڪا به خاص جاءِ مليل نه هئي. اها ته سنڌين جي ماءُ پيٽان ٻولي هئي، جيڪا ٻار سڀاويڪ نموني سکي ويندا هئا. ڪن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ جيڪڏهن سنڌيءَ جي علم ڏيڻ جو بندوبست هو، ته اهو فقط عربي - فارسي اکرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ لکڻ تائين محدود هو. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سنڌ جي عوامي شاعرن، صوفين ۽ درويشن، سنتن ۽ مهاتمائن پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ چيو آهي، جيڪو گهڻو عرصو زباني روايتن ذريعي محفوظ رهيو. ڪن شخصن ڪجهه سنڌي ڪلام لکت ۾ آڻي، انهيءَ جا قلمي نسخا تيار ڪيا، اهڙن دستخطن جو دائرو تمام محدود هو. عام طور، سنڌيءَ جو واهپو روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۽ ڌنڌي- واپار جي لکپڙهه ۾ ٿيندو هو.

سنڌيءَ لاءِ لکاوٽ جو مسئلو

اهڙين حالتن ۾ جس هجي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي جنهن پنهنجي ليکي سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ جو طريقو ڳولهي

اهميت آهي. ايشين ايجوڪيشنل سروس، نئي دهليءَ طرفان سال ١٩٨٦ع ۾ انهيءَ لغات کي فوٽو آفسيٽ ذريعي ٻيهر ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي.

سنڌي - انگريزي ڊڪشنري

مٿين ٻن ڪتابن سان گڏوگڏ جارج اسٽئڪ سنڌي - انگريزي ڊڪشنري مرتب ڪرڻ جو ڪم به هٿ ۾ ڪيو. انهيءَ ڪم ۾ کيس حيدرآباد سنڌ جي پنڊت پرڀوداس سچدانند گھڻي مدد ڪئي. اُن بعد ساڳئي شهر جو ٻيو پنڊت جيٺمل پرسرام يا جيتارام به جارج اسٽئڪ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. هڪ طرف آفيس جي جوابداري، ٻئي طرف يورپي لوڪن لاءِ سنڌ جي ناموافق آبهوا ۽ ٽئين طرف گرامر ۽ ڊڪشنريون تيار ڪرڻ جهڙي اَنڪائٽي ڪم لئي ڏينهن رات نور نچوئڻ، اهي اَهڙا ڪشالا هئا جن اسٽئڪ صاحب جي صحت کي جهوري ڇڏيو. انهيءَ ڪري کيس لاچار سنڌي - انگريزي ڊڪشنريءَ جو ڪم ڪجهه وقت لاءِ روڪڻو پيو. سن ١٨٤٩ع ۾ هو موڪل وٺي علاج لاءِ انگلينڊ روانو ٿيو. ڪجهه عرصي بعد جڏهن جارج اسٽئڪ اڙبو ٿيو، ته هن برطانيه سرڪار کيس هندستان ۾ ڪنهن ٿڌي آبهوا واري علائقي ۾ وڏي عهدي تي مقرر ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پر هن عالم کي سنڌي ٻوليءَ سان ايترو ته عشق هو، جو هن انهيءَ سرڪاري آڇ کي ٺوڪرا ڪري ڇڏيو. جارج اسٽئڪ کي اندر ۾ اهائي آنڌ مانڌ هئي ته اَڌ ۾ ڇڏيل سنڌي - انگريزي ڊڪشنريءَ جو ڪم جلد به جلد مڪمل ڪريان. انهيءَ ڪري هو جيئن ئي تندرست ٿيو ته وري ساڳئي عهدي تي حيدرآباد سنڌ ۾ موٽي آيو.

ٻه يورپي عملدار سرڪاري عهدن تي آهن، اهي گهڻو ڪري ديوناگري اکر اڻيٺي ڄاڻن ٿا. جيئن ته انهن ڪتابن تيار ڪرڻ جو مکيه مقصد يورپي آفيسرن کي سنڌي سيکارڻ آهي، انهيءَ ڪري ديوناگريءَ ۾ سنڌي لکڻ ڪري، ڪين ٻوليءَ سکڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنري

سنڌيءَ لاءِ پنهنجن ڪتابن ۾ ديوناگري اکرن استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ بعد، جارج اسٽئڪ اول 'سنڌي گرامر' تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. مارچ ١٨۴٧ع ۾ انهيءَ جي پريس ڪاپي مڪمل ڪيائين. انهيءَ ڪتاب سان گڏ وڏو هو انگريزي- سنڌي لغات ٻه مرتب ڪندو رهيو. اهي ٻئي ڪتاب هن بمبئي سرڪار جي حڪم سان، امريڪن مشن پريس بمبئيءَ مان سنه ١٨۴٩ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. جارج اسٽئڪ جو لکيل سنڌي گرامر انهيءَ ڏس ۾ هڪ بنيادي رچنا آهي، جنهن مان اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي بيهڪ جي ڄاڻ پوي ٿي. انهيءَ ۾ هن هٿواڻڪن "سنڌي" اکرن جي جدا جدا نمونن جا چارٽ به ڏنا آهن، جيڪي پوءِ گريئرسن پنهنجي لکيل ڪتاب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جائزي سان گڏ ڏهرايا آهن. (ڀاڱو ٨، پارٽ ١، سنه ١٩١١ع). انگريزي- سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ٻارهن هزار انگريزي لفظن لاءِ سنڌي هم-معنيٰ لفظ ڏنل آهن. انهن ۾ ڪيترائي ٺيٺ سنڌي لفظ ملن ٿا، جن مان ڪن جو هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ واهپو گهٽجي ويو آهي يا بلڪل بند ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر جي خيال کان انهي ڊڪشنريءَ کي گهڻي

اِهي اکر عربن جي سنڌ ۾ آمد کان به اڳ واري دور کان وٺي سنڌيءَ لکڻ لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن. اِهي براهمي ۽ ديوناگري اکرن سان لاڳاپو رکن ٿا، جيڪي آريائي نسل وارن ٻولين لاءِ ڪتب ايندڙ لپيون آهن. اِنهيءَ کان سواءِ "سنڌي" اکر سنڌين جي پنهنجي عليحدي ۽ نرالي لکاوٽ کي ڄاڻائن ٿا، جنهنجو استعمال نه فقط سنڌي هندو، پر سنڌ جا خوجا ۽ ميمڻ واپاري به، تجارتي لکپڙهه ۽ حساب ڪتاب رکڻ ۾ ڪن ٿا.

لکاوٽ بابت فيصلو

بارٽل فريئر، سنڌيءَ جي ماهرن ۽ سرڪاري عملدارن جا هڪ ٻئي کان مختلف رايا ڏسي منجهي پيو. هن سنه ۱۸۵۱ع ۾ سنڌي تعليم ۽ رسم الخط جو سڄو مسئلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڏانهن لنڊن ۾ ڏياري موڪليو. ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن اِن سوال تي بحث ڪري، سنڌ ۾ مسلمانن جي گهڻائيءَ کي ڌيان ۾ رکي، سياسي نقطي نگاهه کان، ڊسمبر ۱۸۵۲ع ۾ بمبئي سرڪار کي اِهو فيصلو لکي موڪليو ته سنڌيءَ لاءِ عربي اکرن ۾ گهربل سڌارا ۽ واڌارا ڪري رسم الخط تيار ڪيو وڃي. پر ساڳئي وقت هنن بمبئي سرڪار کي اِها به صلاح ڏني ته اِن فيصلي تي عمل ڪرڻ کان اڳ، بهتر ٿيندو ته يورپين ۽ ڏيهي سنڌي عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، جيڪا اِن سوال تي وڌيڪ بحث ڪري، آخري فيصلو ڪري جيڪو عوام لاءِ فائديمند ۽ موزون هجي.

عربي-سنڌي لکاوٽ جو سرشتو

اِن آرڊر پهچڻ بعد، سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس،

لکاوٽ مقرر ڪرڻ جو سوال

اُن وقت سنڌ جو ڪمشنر بارٽل فريئر هو ۽ بي. ايڇ. ايلس اسسٽنٽ ڪمشنر هو. تعليم کاتي جي جوابداري ايلس مٿان هئي. سرڪاري پاليسيءَ مطابق سنڌ ۾ فارسيءَ بدران سنڌيءَ ٻوليءَ کي سرڪاري لکپڙهه لاءِ تسليم ڪيو ويو. انهيءَ کانسواءِ سنڌي تعليم ڏيڻ لاءِ ٻه گهربل اپاءَ ورتا ويا. اِلي سنڌيءَ لاءِ ڪو هڪ مقرر رسم الخط اپنائڻ جو سوال پيدا ٿيو. ڪمشنر صاحب، سنڌيءَ جي ٻن ماهر سرڪاري عملدارن کان راءِ ورتي. اهي هئا رچرڊ فرانسز برٽن ۽ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ. ٻنهي عالم عربي- فارسي اکرن ۾ ضروري سڌارا ۽ واڌارا ڪري، اُنهن جي بنياد تي سنڌيءَ لاءِ صورتخطي تيار ڪرڻ جي صلاح ڏني. اِن لاءِ مکيه سبب هن اِهي ڄاڻايا ته عربي اکرن ۾ اڳيئي سنڌي ڪتاب لکيا پيا وڃن، جهڙڪي قلمي نسخن جي صورت ۾ موجود آهن. ٻيو ته پڙهيل ڳڙهيل سنڌي مسلمان ۽ ڪيترائي سنڌي هندو به عربي- فارسي اکرن کان واقف آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ فارسي ٻولي ڪيترن صدين کان وٺي سرڪاري ڪاروبار جي ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي رهي آهي. ٽيون ته عربي- فارسي اکرن ۾ معمولي تبديل ۽ اضافو ڪري، آسانيءَ سان سنڌيءَ لاءِ هڪ نئون رسم الخط جوڙي سگهجي ٿو. ٻئي طرف، جارج اسٽئڪ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته ”سنڌي“ لکاوٽ (جنهن کي هن هندو- سنڌي يا خدا وادي اکر به سڏيو آهي) ۾ گهربل ترميم ڪري، انهيءَ ۾ سرن ڏيکارڻ لاءِ ماترائون جوڙي، هن ٻوليءَ لاءِ صورتخطيءَ جو سرشتو مقرر ڪيو وڃي. سندس رايو هو ته

رهيو. انهيءَ لغات جا هڪ سؤ سٺ صفحا بمبئيءَ ۾ ڇپجي چڪا هئا ته، ڊسمبر ١٨٥٣ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هن شيدائيءَ جو پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو. انهيءَ ڊڪشنريءَ جا باقي صفحا ايلس صاحب تعليم کاتي طرفان بمبئيءَ مان سنه ١٨٥٥ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. هن صاحب ڊڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن جارج اسٽئڪ حيات هجي ها، ته باقي صفحن جو دستخط سنواري، انهيءَ ۾ وڌيڪ لفظ ڏيئي سگهي ها. انهن صفحن جا پروف به پاڻ جاچي سگهي ها. اسٽئڪ جي انهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ ڪل ٤٣٧ صفحا آهن. ان ۾ اٽڪل ٻاويهه هزار سنڌي لفظ ڏنل آهن، جن ۾ ڪيترا نئي پراڻا، ٺيٺ ۽ چيدا سنڌي الفاظ نظر اچن ٿا. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه، آهي ته. اِها هڪ بنيادي ڊڪشنري آهي، جنهن جي آڌار تي پوءِ شرٽ صاحب ۽ پرمانند ميوارام جون سنڌي - انگريزي ڊڪشنريون ٺهيل آهن. سنڌيءَ جا لغات - نويس ان ڏس ۾ جارج اسٽئڪ جا ٿورائتا رهندا.

اسٽئڪ جون ٻيون رچنائون

هتي ڄاڻايل ٻن بنيادي ڪتابن کان سواءِ، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ "گاسپل آف سينٽ مئٿيو" جو ترجمو به سليس ۽ سهڻي سنڌيءَ ۾ ڪيو هو، جيڪو بمبئيءَ جي آڪزيلري بائيبل سوسائٽيءَ ديوناگري - سنڌي اکرن ۾ سنه ١٨٥٠ع ۾ شايع ڪيو. انهيءَ ساڳئي ڪتاب جو سنڌي ترجمو اول سنه ١٨٢٥ع ۾ "متي" نالي سان سيرامپور جي پادرين ڇپائي ظاهر ڪيو هو. پر جارج اسٽئڪ جو ترجمو بهتر آهي، جنهن مان چيدي ۽ اصطلاحي سنڌيءَ جو هڳاءُ پيو اچي.

فريئر صاحب سان صلاح ڪري، سنڌيءَ لاءِ صورتخطيءَ جي چونڊ ڪرڻ تي وري بحث ڪرڻ واجب نه سمجهيو. انهيءَ ڪري هن عربي رسم الخط مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪري، سنه ١٨٥٣ع جي شروعات ۾ سنڌ جي هندو ۽ مسلمان عالمن جي هڪ ڪاميٽي پنهنجي زير-صدارت مقرر ڪئي. اُن ڪاميٽيءَ عربي-فارسي اکرن ۾ گهربل سڌارا ۽ واڌارا ڪري، سنڌيءَ لاءِ باونجاهه اکرن جي صورتخطيءَ جو سرشتو ٺاهيو. ان موجب جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ عربي سنڌي الف-بي جا چارٽ ڇپائي ورهايا ويا ۽ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان انهيءَ سرشتي جي استعمال تي زور ڏنو ويو. عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي لکڻ جو اهو سرشتو معمولي تبديل سان اڄ تائين ڪتب اچي رهيو آهي. ٽرمپ ۽ اسٽيڪ اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ موجود ڪونه هئا، جنهن ڪري ڪين اُن ڪاميٽيءَ ۾ نه کنيو ويو هو. هندن جي گهر ڪرڻ تي سرڪاري تعليم کاتي طرفان ڪجهه اسڪولن ۾ هندو-سنڌي ۽ ديوناگري اکرن ۾ سنڌي سيکارڻ جو به بندوبست ڪيو ويو ۽ اُنهن ۾ ٻه درسي ڪتاب ڇپايا ويا. پر جيئن ته سرڪار جو گهڻو زور عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي ڦهلاءَ ۽ اُنهيءَ ۾ ڪتابن ڇپائڻ تي هو، انهيءَ ڪري ٻين اکرن ۾ سنڌي لکڻ جو استعمال ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو ۽ فقط ڪن خاص طبقي جي ماڻهن تائين محدود رهيو.

سنڌي-انگريزي ڊڪشنري

سنڌيءَ لاءِ عربي-فارسي اکرن جو سرشتو مقرر ٿيڻ بعد به جارج اسٽيڪ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ کي مڪمل ڪري ڇپائڻ لاءِ زور ڀريندو

(٣) ٽين ڪهاڻي اُنهن ڏاهرين جي آهي، جيڪي واڻين جي دوڪان تي ٻڪڙا وٺڻ وقت، دوڪان جي منڍيءَ ۾ قاتل ڇوڪري کي ڇڏائڻ جو صحيح طريقو ٿا سوچي سگهن. هن ڪهاڻيءَ پٺيان به، اُن جو انگريزي ترجمو ڏنل آهي.

(٤) چوٿين ڪهاڻي شهزادي اَمل مائڪ ۽ حسيني پريءَ جي آهي.

(٥) پنجين راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي آهي. اِنهيءَ ۾ نثر سان گڏ نظم به آهي.

آخري ٻن ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو ڏنل نه آهي. پهريون ٽي ننڍڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي پڙهه ٻوليءَ جي ٿوري گهڻي تبديل سان جدا جدا ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن.

هتي اِنهيءَ ڳالهه تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي ته پهريون چار ڪهاڻيون ڪمپوز ٿيل لوهي ٽائيپ ۾ ڇپيل آهن. پر راءِ ڏياچ جي آکاڻي ڪنهن ڪاتب لکي آهي، جيڪا سنگي ڇاپي ۾ آهي. اِهو چٽايل نه آهي ته اِهي هٿ اکر خود جارج اسٽئڪ جا آهن يا ٻئي ڪنهن ڪاتب جا آهن. ممڪن آهي ته جن حيدرآباد جي پنڊتن اسٽئڪ کي ڊڪشنريءَ ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي، اُنهن مان ڪنهن هڪ جا اِهي هٿ اکر هجن.

ڏيارام وسڻمل ميرچندائيءَ شهزادي اَمل مائڪ جي لوڪ ڪٿا عربي-سنڌي اکرن ۾ اُتاري "سنڌو" مخزن ۾ ڇپائي هئي. ساڳيءَ طرح، هن راءِ ڏياچ جي آکاڻي به "چونڊ سنڌي نثر" ۾ سنه ١٩٣٥ع ۾ شايع ڪئي هئي، پر اُن مان بيت ڪڍي ڇڏيا هئائين. اُنهن جي جاءِ تي

سنڌي اَدب جي ميدان ۾ جارج اسٽئڪ جو ٻيو اَهم ڪم آهي زباني روايتن مان پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون چونڊي قلمبند ڪرڻ ۽ اُنهن کي "سنڌي گرامر" ۾ مثالن طور ڇپائي ظاهر ڪرڻ. سنڌي ٻوليءَ ۽ اَدب جي ڏس ۾ سنڌيءَ جي هن لاڪيڻي لال جون خدمتون هميشه ياد رهنديون. افسوس آهي جو اسٽئڪ صاحب جون اهي مُڙئي رچنائون اَڄ عرصي کان وٺي اَڻلڀ آهن. سندس جوڙيل انگريزي-سنڌي ڊڪشنري ٻيهر شايع ٿي آهي. اسان کي گهرجي ته هن جون ٻيون رچنائون به وري ڇپائي ظاهر ڪريون. ڪيترا سنڌي عالم، خاص طور اهي جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا، ديوناگري رسم الخط کان ناواقف هئڻ ڪري جارج اسٽئڪ جي لکڻين جو جائزو نه وٺي سگهيا آهن. اُنهن اَڪثر هن بابت غلط بيان پئي ڪيا آهن. هو سندس پوريءَ طرح قدرشناسي به نه ڪري سگهيا آهن.

"سنڌي گرامر" ۾ ڇپيل لوڪ ڪهاڻيون

جارج اسٽئڪ پنهنجي لکيل "سنڌي گرامر" ۾ جيڪي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڏنيون آهن، اهي هن ريت آهن:-

(١) ٻن زالن جو ٻار لاءِ جهڳڙو ڪرڻ ۽ قاضيءَ جو فيصلو ڪرڻ. هن ڪهاڻيءَ ۾ هر هڪ لفظ جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ۽ پوءِ سموري ڪهاڻيءَ جو ترجمو ڏنل آهي.

(٢) اِي ڪهاڻي ٻن شخصن جي آهي، جيڪي هڪ ٻڍيءَ وٽ ناڻو ڏراوت رکي وڃن ٿا ۽ پوءِ اُچي ساڻس جهڳڙو ڪن ٿا. ليڪن قاضي اِلهيءَ جو فيصلو ڪري ٿو. اِلهيءَ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ انگريزي ترجمو ڏنل آهي.

سنڌي گرامر ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي آکاڻي نه ڏني هئي. حقيقت هيءَ آهي ته اُڌارام ٿانورداس، اسٽيڪ جي گرامر کان راءِ ڏياچ جو قصو عربي-سنڌي اکرن ۾ اُتاري، سنه ١٨٦١ع ۾ لنڊن ۾ ڇپايو هو. هن ڪن هندن لـي ٻوليءَ ۾ ٿوري گهڻي تبديل به ڪئي هئي. اِنهيءَ قصي جو ٻيو ڇاپو سنڌ تعليم کاتي جي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ سنه ١٨٧٠ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اُنهيءَ ڇاپي ۾ اُڌارام آکاڻيءَ جي بيتن ۾ چڱي تبديل ڪئي هئي ۽ ڪن هندن تي لٺر جي بدران پنهنجا بيت جوڙي شامل ڪيا هئائين. پوءِ اِنهيءَ صورت ۾ اهو قصو گهڻيئي دفعا شايع ٿيو. ان جو ٻارهون ڇاپو سنه ١٩٣٢ع ۾ شايع ٿيو هو.

ڪن سنڌي عالمن جو چوڻ آهي ته اسٽيڪ صاحب کي اُڌارام ٿانورداس راءِ ڏياچ جو قصو زباني روايتن جي آڌار تـي قلمبند ڪري ڏنو هو، جيڪو ديوناگري اکرن ۾ پنهنجي گرامر ۾ درج ڪيو هو. ان ۾ شڪ نه آهي ته اُڌارام، اسٽيڪ صاحب جو همعصر هو. پر جيڪڏهن سندس جنم جي تاريخ تي ڌيان ڏبو ته اِها ڳالهه بلڪل غلط ثابت ٿيندي. اُڌارام ٿانورداس سنه ١٨٣٣ع ۾ ڄائو هو ۽ ١٨٨٣ع ۾ گذاري ويو. اسٽيڪ صاحب سنه ١٨٤٦-١٨٤٧ع ڌاري پنهنجي گرامر جو دستخط لکي تيار ڪري رکيو هو. اُن وقت اُڌارام اٽڪل تيرهين سالن جو ٻار هو. اِهو ڪوڙو ئي دل سان لڳو لڳي ته جارج اسٽيڪ سنڌ جي سڀني عالمن کي ڇڏي، هڪ ٻار کان راءِ ڏياچ جو قصو لکايو هوندو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به راءِ ڏياچ جي قصي کي منشي اُڌارام ٿانورداس جو ترتيب ڏنل ڄاڻايو آهي. هو جيڪڏهن اسٽيڪ جي گرامر ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ

گربخشاڻيءَ جي "روح رهاڻ" مان ان آکاڻيءَ جو اثر وارو حصو وجهي، سلسلو ٻيهاريو هلائين.

ڪجهه غلط فهميون

جارج اسٽيڪ جو "سنڌي گرامر" ڪيترن سنڌي عالمن جي نظر مان نه نڪتو آهي. اِهيءَ ڪري هنن ٻنهيجن لکڻين ۾ ان بابت ڪجهه غلط ڳالهيون ڏنيون آهن. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:-

"سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "سنڌي گرامر" جي ڇاپيءَ ۾ "دودو چنيسر" جو أصلي قصو به ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هو. (ڏسو صفحو ١٦)* اِهو بلڪل غلط بيان آهي. ساڳئي صفحي تي هو لکي ٿو ته سنڌي گرامر جي پٺيان، ضميمي طور، منشي اُڌارام ٿانورداس جي لکيل "آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي" ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هئي. اِها آکاڻي اُڌارام ٿانورداس جي لکيل هئي، اِها ڳالهه بلڪل غلط آهي. لڳي ٿو ته منگهارام ملڪاڻيءَ محمد صديق ميمڻ جي "سنڌي أدب جي تاريخ" تان راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ بنسبت اِهو غلط بيان کنيو آهي. ميمڻ صاحب اِهو به لکيو آهي ته آکاڻيءَ جو ڇاپيءَ وارو بيت اُڌارام ٿانورداس جو ٺاهيل آهي.÷ اِها ڳالهه به صحيح نه آهي. ميمڻ صاحب کان اِها غلطي ان ڪري ٿي آهي، جو هن جارج اسٽيڪ جي

* ملڪاڻي، منگهارام اُڌارام، سنڌي نثر جي تاريخ، ڪوآپ پبليڪيشن، بمبئي. ١٩٦٨. ص. ١٦.

÷ محمد صديق ميمڻ، سنڌي أدب، جلد ٢. حيدرآباد سنڌ، دفعو ٢، ١٩٥٩-٦٠. ص - ٨٨.

A

DICTIONARY,

ENGLISH AND SINDHI.

A

A or An. There is no article in the Sindhi language; the indefinite may sometimes be expressed by हिकिड़ो *one.*

To Abandon. छड़णु, फिटो करणु.

Abandoned, (*reprobate*). लुंड़ो, विभलु, खर्पलु, लोठो.

Abandoning, Abandonment. तर्कु, तलाक, त्यागु.

To Abash. लज़ाइणु, शर्मांइणु.

Abashed. लज़ो, शिर्मिंधो.

To be Abashed. लज़णु, शर्मांइजणु.

To Abate (*neu.*). घटणु, लहणु, ढिरो-सांति-थिभणु.

Abatement, (*remission*). छूटि, छुड़ति.

To Abbreviate. थोरो करणु, घटाइणु.

Abhorrence. किरांहत.

To Abide. टिकणु, रहणु, विहणु.

Ability, (*power*). सघ, बलु.

Able. सघाइतो. *See* Powerful.

To be Able. सघणु.

Ablution. सनानु, मसउ, वजू.

Abode. घर, जाइ, हंधु, रहाश.

To Abolish. कटणु, बंदि-मोकुफु-करणु, उथारे छ़िभणु.

An Abortion, to occur. पेटु-घारु-कचो-किरणु. *See* To Miscarry.

Above. मथे.

Above-mentioned. मथेंचिओ, अग़-चिओ.

To Abound. घणो थिअणु.

About, (*in place*). ओसेपासे, हेड़हां-होड़हां, (*in number*) खनु.

Abroad. ब़ाहरि.

An Abscess. फुर्उ, ग़उड़ु

To Abscond. लिको वञणु, भज़णु, गाइबु थिभणु.

Absence. नभचगु, नथिभणु.

In one's absence. परपुठि.

To be Absolved. सुधिरणु, छुटणु.

Absolutely. तमामु, बिल्कुलु.

To Absorb. चुहणु, पी वञणु.

Absorbed, (*in meditation*). लीनु, मगनु.

Abstemious. किरिअवारो, संजमी.

To be Abstemious. वातु रखणु.

Abstinence. किरी, परहेज, संजमु.

اسٽئڪ جي انگريزي - سنڌي ڊڪشنريءَ
جو پهريون ورق (۱۸۴۹)

سان اُن جي پٺ ڪري ها ته ڪيس هڪدم معلوم ٿي وڃي ها ته اُڌارام جي سنه ١٨٦١ع ۾ ڇپايل راءِ ڏياچ جي آکاڻي، اسٽئڪ جي گرامر تان، معمولي تبديل سان اُتاريل آهي. *

لوڪ ڪهاڻين جي ڇپائي

”سنڌي گرامر“ ۾ ڇپيل پنج ئي لوڪ - ڪهاڻيون ديوناگري - سنڌي اکرن ۾ آهن. ٻيون چار لوڪ ڪهاڻيون لوهي ٽائيپ ۾ آهن ۽ پنجين راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي سنگي ڇاپي ۾ آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي به اُهيءَ جي ڪاتب جو نالو ڄاڻايل نه آهي. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ اهو به نه ڄاڻايو آهي ته زباني روايتن مان اهي لوڪ ڪهاڻيون هن پاڻ ٻڌي قلمبند ڪيون آهن يا پنهنجيءَ نگرانيءَ ۾ ٻئي ڪنهن سنڌي ڪاتب کان لکايون آهن. ممڪن آهي ته حيدرآباد سنڌ جي ٻن سنڌي پنڊتن (برهم سچدانند ۽ جيتارام)، جن ڪيس سنڌي - انگريزي ڊڪشنري تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏني ڪئي، اُنهن ئي اهي ڪهاڻيون به گڏ ڪري، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي لکي ڏنيون هجن.

راءِ ڏياچ واري لوڪ ڪهاڻي هٿ - لکيل اکرن ۾ آهي. اُهيءَ ۾ ڪن حرفن (جهڙوڪ، جه، ڻ، او) جي لکڻ جو نمونو اهو آهي، جيڪو گذريل صديءَ ۾ سنڌي برهمڻن جي لکيل ڪن سنسڪرت قلمي نسخن ۾ ملي ٿو.

---

* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ. ١٩٧٦. ص - ١٠٤.

१३

"ड़हे सिर जां ड़ह सिस्यूं, ड़हई हूंद ड़िम्रां.
धड़ मथे सिरु हिकिड़ो; ड़ींदे लज़ मरां.
हाथी हंचारिनि सां घोड़ा ड़्यांईं घणां."
"मूरिन पिनें मंगतो तुंबे मंझि कणा.
सिर लाइ नंदु हणां. सिरु ड़े, त सुरहो थिएँ."

१४

"मथे कारणि मांमिलो" राति याहिंअ "छाकाणि?
वठु दाता खां दान, मां खजाननि जी खाणि.
चड्डु, सालिक, सुखपाल तेः मड़्यूं वेठो माणि.
अग्यों राव रिहाणि किजि मुदामी, मंगता."

१५

ग़ाहिंअ राति, "ब्रहूं ड़िम्रां, हीरा, मोती, लाल.
छा जेवा जर्यूं, बाफिता! घा सर्पाह्यूं, सुरख्याल!
कोड्यें ड़िम्रांइं, मंगता, वठु मोती. जव्हर जाल.

१६

तेहिंअ राति तुंबेर सां किम्रांई वड़ाई वस्त.

اسٽڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڇپيل
راءِ ڏياچ جي ڪهاڻيءَ جو هڪ ورق (١٨٤٩)

The Story of Rái Diáchu

गिर्नार कोट मे राइ ड़िआचु नाले हिकिडो पातिशाहु हो. नँहिं जे भेणु फकीर खां घुर्यो, "सांईं. मूं खे पुटु डे." फकीर चिउसि, "पुटु थींदुइ, पर राइ ड़िआच जो सिरु वढींदो. हुन चिओ "सांईं. उहो पुटु इ बनि पिओ, जो भाणिमि जो सिरु वढे. पर फकीर जो चवणु थिओ, सो टरे की न. थोरे घणे ड़िहाडे माइ-अ पुट्टु जण्यो: पोइ नंजे जोडें संदूक मे विझी दरिआह मे लोड़े छड्यांसि, त भली मागर्मछ खाइनिसि: पर मागर्मछनि जे खाइण जो की न हो: फकीर जो अमुरु हो, सो वञी अने राइ नाले पातिशाह जे मुल्क मे चारणनि जे गोठों निरआो. सो उते चारणु एं चारणी जाल मुर्सु वर्ई आया हा पाणिअ खे. तिनि उहा संदूक

اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڇپيل
راءِ ڏياچ جي ڪهاڻيءَ جو هڪ ورق (١٨٤٩)

انهيءَ جي آڌار تي خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اِها ڪهاڻي هتي ڇاپيل ٻن سنڌي پمفلٽن مان ڪنهن هڪ جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي. انهيءَ کي پوءِ ليٿو تي ڇپايو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي مٿان فقط انگريزي اکرن ۾ سرو "The Story of Rai Diachu" ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي هٿ اکرن ۾ لکيل لڳي ٿو.

ديوناگري - سنڌي سرشتو

اسٽئڪ ديوناگري - سنڌي لپيءَ جو سرشتو پاڻ تيار ڪيو آهي. اهو هن پمفلٽن ڇپايل ڪتابن ۾ سنڌيءَ جي لکت لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن عربي - فارسيءَ جي ڪن جدا جدا حرفن لاءِ ديوناگري - سنڌيءَ ۾ هڪ حرف ڪتب آندو آهي. اُهي هن ريت آهن:- ق، ڪ لاءِ ڪ (क)؛ ز ض ذ ظ ج لاءِ ج (ज)؛ س ص ث لاءِ س (स)؛ ع أ لاءِ أ (अ)؛ ھ ح لاءِ ھ (ह)؛ ت ط لاءِ ت (त)؛ غ گ لاءِ گ (ग). هن خ ک لاءِ ک (ख)؛ ق ف لاءِ ف (फ) اکر ڪتب آندا آهن.

جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي چئن چوسڻن (Implosives) ورجڻن کي ديوناگري - سنڌي ۾ حرف هيٺان نقطو لڳائي ظاهر ڪيو آهي. انهن کي اڄ ڪالهه اکر هيٺان سڌي ليڪ لڳائي ظاهر ڪيو آهي. جيئن ته، ٻ = ब़ (هاڻي ॿ)؛ ڄ = ज़ (هاڻي ॼ)؛ ڏ = ड़ (هاڻي ॾ)؛ ڳ = ग़ (هاڻي ॻ).

ساهتيءَ ۽ اُتر سنڌ جي اُچارن ۾ ڪيترن لفظن ۾ ”ٽ“ جو ”ٽر“ ۽ ”ڊ“ جو ”ڊر“ اُچار عام جام ٻڌڻو آهي. جيئن ته- سُٽ (سُٽر)، پٽ (پٽر)، ٽي (ٽري)، چنڊ (چنڊر) ڇنڊ (ڇنڊر). اهڙن اُچارن کي اسٽئڪ ”ٽ“ هيٺان نقطو ۽ ”ڊ“ هيٺان ليڪ لڳائي ظاهر ڪيو آهي (ड़ ट़). ديوناگري

woman is innocent. Do you perform your part of the contract. Bring your partner with you, and I will then make the woman pay you the money." The man then went off ashamed.

3rd. Story.

हिकिड़ो छोकरु वांहे खां भुगिड़ा भुञाइण विओ. वांहों भुञी जड़हीं ड़िअण लगुसि, त उन्हे हट जे मनह ठी, जा मुनी हुई, नींगर तैंहिं खे ब़िन्ही पासे ब़ाहूं आणे ब़ुक में भुगिड़ा वर्ता; त थूणी, जो ब़ांहुनि जे विच में आई, सो छोकरु जे ब़ुकु थो छोडे, त भुगिड़ा था किरनि, ऐं जे न थो छोडे, त वञी न थो सघे; तैंहिं खां लगो रुंअण. त तिते माण्हू घणा अची गडु थिआ, से सभि डहरी. लगा गण्यूं करण, "हाइ, किअं थींदी! छोकरु ड़ाढो फाथो. किअं छुटंदो!" ईंएं उन्हनि जे गणिंदे लालु बुझकडु, डहर्युनि जो चड़ो मुसु, उथी अची निखतो, सो ड़िसी बुधी थो चवे, त, "गण्यो छा था! छपरु लाहे मुनी पटे कढिजे, त छोकरु पाण्हेई छुटी पवंदो." इहा सभिनीं डहारिनि बुधी चिओ, "वेली, वाह, चङी सलह ड़िन्यइ." तड़हीं लगा तिअ करण. इहाड़िअ नरह छोकिरानि खे छोकिराण्यूं गाल्ह्यूं, डहानि खे डहाण्यूं मत्यूं वणंद्यूं आंहिनि.

A boy went to a parcher of grain to have some *chana*, parched. On the parcher giving it to him toasted, the boy took it in his joined palms, having first put his arms round the post supporting the thatched roof of the shop, so that the post was inside his arms. Consequently if he separated

اسٽڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڇپيل
ٽين لوڪ ڪهاڻي (۱۸۴۹)

ڪدا (خدا). اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته عربي-فارسيءَ جي ڪيترن حرفن جو صحيح اُچار هندستان ۽ پاڪستان جي ٻولين ۾ قائم نه رکيو ويو آهي. مثال طور، ز ض ذ ۽ ظ جي اُچارن ۾ تفاوت؛ يا س ث ص، ه-ح، أ-ع، ت-ط جي اُچارن ۾ فرق. جن ٻولين لاءِ عربي-فارسي اکرن جي آڌار تي صورتخطي ناهي ورتي آهي، اُنهن جي لکاوٽ ۾ فقط لفظن جي صحيح عربي-فارسي ٻولين واري هجي قائم رکڻ لاءِ اِنهن اکرن کي اهميت آهي. پر ٻئي طرف، اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ ز-ج، غ-گ، ف-ڦ، خ-ک، جي وچ ۾ اُچارن جو فرق اهميت ڀري جاءِ والاري ٿو. اِنهيءَ جي ڪري صورتخطيءَ ۾ به اِنهن اُچارن لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر ڪرڻ گهرجن. عام طور، ڪيترائي عربي-فارسيءَ کان غير-واقف سنڌي ۽ گهڻا اڻپڙهيل شخص ز کي ج، غ کي گ، ف کي ڦ خ کي ک جي آواز ۾ اُچارين ٿا. ممڪن آهي ته اِنهيءَ ڪري اسٽڪ پنهنجيءَ صورتخطيءَ ۾ اِنهن آوازن جو فرق ڏيکارڻ لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر نه ڪيون آهن.

لوڪ ڪهاڻين جي ٻولي ۽ عبارت

لفظن جو ڀنڊار

لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪتب آيل لفظن تي ڌيان ڏيڻ سان هڪدم ظاهر ٿئي ٿو ته اُنهن ۾ گهڻو تعداد سنسڪرت جي تدڀو لفظن جو آهي. جيئن ته، راءِ، ڀاس، ڏهيسر، مانڪ، ڏاتار، تند، ڪاپار، ٻهون، جاچڪ، مهت، هيور، پون ۽ ماگر مڇ، ڪالڪ. سنسڪرت تتسم لفظن جو استعمال تمام گهٽ ٿيل آهي. ٻئي طرف عربي-فارسيءَ جا به فقط اهي لفظ ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا، جيڪي سنڌيءَ ۾ جذب ٿي

سنڌي لکاوٽ ۾ اسٽئڪ صاحب ٻ ۽ ڙ جي اُچارن ۾ فرق نه ڏيکاريو آهي. هن ٻنهي لاءِ هڪ اکر ٻ (ڙ) ڪتب آندو آهي. ڪن لفظن ۾ "ي" جو اُچار نه ڪي سنڌي "يُر" ڪن ٿا. جيئن نه، يءُ (يُرءُ). انهيءَ اُچار ڪي لکڻ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ اسٽئڪ "ي" هيٺان نقطو لڳايو آهي. (ڄ).

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي نه ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ ديوناگري اکرن ۾ جيڪو سرشتو تيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ گهڻيون اوڻايون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن ۾ ج ۽ ز، گ ۽ غ، ق ۽ ف، ک ۽ خ، ٻ، ڙ ۽ ڏ، ر ۽ ڙ جي اُچارن ۾ جيڪو فرق آهي، انهيءَ کي گهڻي اهميت آهي. انهن جو صحيح اُچار نه ڪرڻ سان لفظن جي معنيٰ ۾ اڪثر ڦيرو اچي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري صورتخطيءَ جي سرشتي ۾ اُچارن جو اهو فرق ڏيکارڻ لازمي آهي، جيڪو اسٽئڪ صاحب نه رکيو آهي. ٻئي طرف هن لکاوٽ ۾ ٽ ۽ ٽُر، ٻ ۽ ٻر، ي ۽ يُر جو فرق ڏيکارڻ لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر ڪيون آهن. ڏٺو وڃي ته معياري سنڌي لهجي ۾ اُچار جي انهيءَ باريڪيءَ ڪري لفظن جي معنيٰ ۾ ڪوبه فرق ڪونه اچي. انهيءَ ڪري لکڻ ۾ اهو تفاوت ڏيکارڻ جي ضرورت نه آهي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي مقرر ڪيل صورتخطيءَ موجب سنڌي لفظن جي اُچارن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:
جالون (زالون)، انساف (انصاف)، ڪاجي (قاضي)، شرا (شرع)، هڪڙي (هڪڙي)، ٻڳڙا (ٻڳڙا)، وجير (وزير)، کيرات (خيرات)، ساهبجادي (صاحبزادي)، مهلات (محلات)، سُبُه (صبوح)، ڪبول (قبول)، ڦڪير (فقير)، کدمتون (خدمتون)، کبر (خبر)، مدِه (مدح)،

هٽيئي (هڻيئي)، ٻرٽيان (ٻرٽجان)، ٻرٽيندس (ٻرٽجندس)، نڪتو (نڪتو)، هائڻون (هڻائون)، هائڻين (هڻائين). ڪجهه روپ اهڙا آهن جيڪي سنڌيءَ جي جدا جدا اُپڀاشائن ۾ اُچاران لائين ڪتب پيا اچن، پر وچولي معياري سنڌيءَ جي لهجي ۾ انهن جو استعمال عام طور ٻڌڻ ۾ نه ايندو آهي. مثال طور، اُٿون (اُٿان)، مون (منجهان)، ٿون (ٿان)، وٿون (وٿان)، ٿهين (ٿوهين، اوهين)، ڪڍيانس (ڪڍيائينس)، چيانس (چيائينس)، ٻڌايانس (ٻڌايائينس). اسٽينڪ صاحب اِي ۽ اُ پڇاڙيءَ وارن اسمن کي حالت عام ۾ 'اَ' جي اڳيان، اسم جي آخري سُر کي بند و ڪري لکيو آهي. شايد ڪيس اهڙن اسمن جو اُچار اِن ريت ٻڌڻ ۾ آيو آهي. اڄ ڪالهه اهڙن اِسمن جي آخري سُر جو اُچار ٻگهوئي قائم هوندو آهي. مثال طور، ڪاجئه (قاضيءَ)، ٻڌئه (ٻڌيءَ)، ڪاسائيئه (ڪاسائيءَ)، آبرءَ (آبروءَ)، ماٺهئه (ماٺهوءَ). بول چال ۾ ڪيترن لفظن ۾ 'اِ' کان پوءِ جڏهن هڪدم 'اَ' 'آ' جو اُچار هوندو آهي، ته اِنهن ٻنهي سرن جي وچ ۾ سياويڪ 'ي' جو آواز اچي ويندو آهي. اسٽينڪ لکڻ ۾ اِنهيءَ 'ي' جي اُچار کي نه ڄاڻائي، ٻنهي سرن کي جدا ڪري لکيو آهي. جيئن ته، دنئا (دنيا)، وئا (ويا)، ٿئڻ (ٿيڻ)، پئا (پيا). 'اِ' 'اي' پڇاڙيءَ وارا جنس مونث جا اسم حالت عام، عدد جمع ۾ 'ي' جو اُچار سياويڪ نموني ڪڍندا آهن. پر اسٽينڪ اهڙن روپن ۾ 'ي' جو اُچار نه لکيو آهي. جيئن ته، اَکر - اَکن (اکين)، سرئي - سرئن (سرئين)، ساهيڙي - ساهيڙن (ساهيڙين).

جملن جي بيهڪ

ڪهاڻين ۾ گهڻو ڪري جملن جي بيهڪ هاڻوڪي

ويا آهن. اهڙا لفظ بہ گھڻو ڪري بگڙيل اچارن سان ڪم آيل آهن. مثال طور، پاتشاھہ (بادشاھہ)، اڪبال (اقبال)، آلم (عالم)، سڪاوت (سخاوت)، ڪلبان (قربان)، تاجيم (تعظيم)، سرفراج (سرفراز)، سلتان (سلطان)، آواج (آواز). سنڌي ٻوليءَ جا گھڻائي اهڙا لفظ ڪهاڻين ۾ ملن ٿا، جن جو واهپو اڄ ڪالھہ گھڻو گھٽ ٿي ويو آهي. مثال طور، ڀولڪو ڪٽو (ننڍ ڪٽي، جھوٽا کاڌا)، ڪڻ (وچن)، اڪڙيارو (جوڳي، اڳڪٽي ڪندڙ)، ڳٽالي (نرم غاليچو، ملائم شال)، گھوگھرا (کونگھرا)، اوٻر (جوت)، مهري (عورت)، ڪٽون (نشئي)، سنداس (سدان جاءِ)، ڏاگھہ (چتا، ڪاٺين جو ڍير)، جھوڙا-جھانٽين (گل - ڦل، ڦندڻ)، مگر (ٻاھہ)، پٽيو (ڇيو)، نچ (لت، هميشہ)، جال (گھڻو)، ٽمبير (ڊبي وارو، ڊبي جو اُهيل ساز وڄائيندڙ)، مٺي (ٽوپي)، ڪولل (گھوڙو)، پامڻ (ڳانڍو، ٻيڙو)، ٿڏاڻ (اَلت، آخر ۾)، ٻرو (ٻٽو، ڏس، خبر) سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لفظن ۽ اصطلاحن جو ڪهاڻين ۾ جوڳو استعمال ٿيل آهي. اهڙا ڪجھہ لفظ هن ريت آهن - مينهن - واچ، اُٺ ڪجاوا، سنڌو پاڻو، ٻڪي-ٻڪڻ، دهل - دمر، ڪرناءِ ون - شرناءِ ون، نغارا - نوبتون، موڪلائي نوڪلائي، سرليون - ساهيڙيون.

وياڪرڻ جا جھونا روپ

ڪهاڻين ۾ جھوني سنڌيءَ جي وياڪرڻ موجب لفظن جا ڪجھہ اهڙا روپ بہ ڏيکارڻ لائق آهن، جن جو اڄ ڪالھہ جي سنڌيءَ ۾ عام طور واهپو گھٽجي ويو آهي يا بلڪل بند ٿي ويو آهي. جيئن تہ، ڪوٻہ (ڪوبہ)، مهندان (اڳيان)، ٽيلاهين، هتائين (هتائين)، هئي (هجي)،

(= ته سڀ اسي سهيلين سان گڏجي اُٿي هلندي).

ڪهاڻين جي عبارت

اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڏنل ڪهاڻين جو ڍنگ اهو ئي آهي جيڪو چارڻن ۽ ڀٽن جي آکاڻين ۽ ڳالهين ٻڌائڻ جو طريقو هوندو آهي. انهن جي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿو ٿئي ته جڻ ڳوناڻين ڪچهرين ۾ ڪن ڳالهيرن واران آکاڻيون ۽ نقل ٻڌي رهيا آهيون. ان خيال کان اِهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ سؤ چاليهه سال اڳ، واري زماني جي سگهڙن جي آکاڻين ڪٿڻ جا سهڻا مثال آهن، راءِ ڏياچ واري لوڪ ڪهاڻي نثر ۽ نظم جي ميلاپ واري ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڪجهه بيت اهڙا آهن، جيڪي جدا جدا سگهڙن ۽ عوامي شاعرن جا چيل ٿا لڳن. انهن کي ڳالهه ڪٿيندڙ سلسلي ۾ ترتيب ڏئي بيهاريو آهي. ڪجهه بيت ٿوري گهڻي تبديل سان شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به ملن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ اِهو چوڻ مشڪل آهي ته شاهه لطيف جا ڪجهه بيت هتي ڳالهه ڪٿيندڙ ٿوري ڦير گهير ڪري دهرايا آهن يا خود شاهه جي رسالي ۾ عوامي شاعرن جا ڪجهه بيت شامل ڪيا ويا آهن. مثال طور:-

(١) الله جي آس ڪري، هاڻو هٿائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏئلي راءِ ڏياچ جي، ڏورا ڏٺائين،
وهتي واحد در، تهه ويڙ ڪٿائين،
"سباجها سائين، راءِ رڇهائين راڳ سين". (شاهه لطيف)

سنڌيءَ جي جملن جي بيهڪ وانگر آهي. اهڙا جملا تمام گهٽ آهن، جن جي بناوٽ موجوده سنڌيءَ جي جملن کان ڦريل آهي. اهڙي قسم جي انوکي بناوٽ جا مثال هن ريت آهن:-

(الف) هڪڙا ٻہ ڀڄا ڀري پرڏيهہ ٽي ويا. سي پنهنجو ناڻو هڪڙيءَ ٻيڙيءَ وٽ ڏراوت رکي چيائونس تہ "اسين جڏهين ٻئي گڏجي اچون، تڏهين هي ناڻو ڏجانئون." (هيءَ جملو هن ريت هئڻ گهرجي - '.... ان پنهنجو ناڻو هڪڙيءَ ٻيڙيءَ وٽ ڏراوت رکي، کيس چيو تہ ....')

(ب) تنهنجو نالو رکجو اُمل ماڻڪ. سو جڏهين وڏو ٿئي، ۽ ٻٽيهہ ڇٽيهہ لکڻو ٿئي، ۽ قابل ٿئي، ۽ پنهنجا گهوڙا ٻيڙا سپاهي رکي، ۽ پنهنجا آچار ويچار ڪري، تڏهن هن منهنجي جاءِ تي ويهو اچجانءِ. (هن بيان ۾ عبارت جي خيال کان حرف جملي '۽' جو استعمال بار بار ٿيڻ ڪري اڻوڻندڙ ٿو لڳي).

(ٻ) اوهان سان ٻيا حال ڪري (= اوهان جا ٻيا حال ڪري).

(ڀ) جنهن جي حڪم ۾ سڀ اسي ٻانهي آهي (= جنهن جي حڪم ۾ سڀ اسي ٻانهيون آهن.)

(ت) تڏهن لال پاتشاهہ سيڌا پاڌا .... روانا ڪئائين (= تڏهن لال پاتشاهہ سيڌا پاڌا... روانا ڪيا).

(ٽ) جي تون هن سڀ پرين کي وهاري موڪي اچيو ٿي ڏيکارين، تہ آئون توکي جمعي تي پرڻيندس (= جي تون هنن سڀ پرين کي وهاري، موڪي اچيو ٿي ڏيکارين تہ آئون توسان ٻئي جمعي تي پرڻجندس).

(ٿ) تہ سڀ اسي سهڻائيءَ سان گڏجي اٿي هلندي.

(٢) راءِ ڏياچ جي آڪاڻيءَ مان هيءَ گفتگو ڏسو:-

پاتشاهہ منهن ڦيرائي ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو. هن چيو، "پاتشاهہ ڇو اَڄ منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ٿو ڪرين؟" پاتشاهہ چيس، "ڙي ڪنير جا پٽ، مون سان ٻي مهيني جو ڪرڻ ڪيو هوءِ. تون ڇونہ مهيني ورسو آهين." تہ ڪنير چيس، "ڀَلا پاتشاهہ! منهنجي حال جي تہ ڪا ڳالهہ پڇيئہ ڪين." چي، "ڙي، ڪهڙي تنهنجي حال جي خبر؟ ٻڌاءِ." چيائينس، "سائين، خبر هيءَ. مولڪي ڏيءِ وينجي آهي، وڏوڙ سا پائيم، تہ ٻرڏائي، ٻوءِ ٿو ڏي اَچان." چيائينس، "ڙي، اَها مولڪي ڇو نہ ٻرڏائي؟" چي، "جيئين، تون ڇو نہ؟" تہ پاتشاهہ اُٿ ڪڍاوا ڏنس، ماڙهون ڏنانس، سيدا پاڌا ڏنائينس. ڍهل ڍمر ڪري چيائينس، "يار، اُٿي آن هلندس، تہ راءِ ڏياچ جنگ ڪندوسون. تنهن ۾ ڪان سان منهنجا ڦيرا ڏياري وٺي اَچينس."

هن ڪهاڻين جي عبارت جي ٻي خوبي اِها آهي تہ اسٽنڪ ٻوليءَ جو سياويڪ ٻول چال وارو روپ قائم رکڻ لاءِ اُنهيءَ ۾ ڪي بہ سڌارا نہ ڪيا آهن. ڳالهين ٻڌائيندڙ جي اُچارن کي جيئن جو تيئن قائم رکيو ويو آهي. ڳوٺاڻا، چارڻ ۽ ڀٽ اَڪثر ڪن ڪن عربي-فارسي لفظن جا غلط اُچار ڪندا آهن. اهڙن لفظن کي اسٽنڪ صاحب اُنهيءَ غلط روپ ۾ ئي قلمبند ڪيو آهي. مثال طور ڪجهہ لفظ ڏسو:-

اَپسوس (اَفسوس)، نالت (لانعت)، ڇال (شال)، مسلت (مصاحت)، تاجيمون (تعظيمون)، قلبان (قربان)، خشبوئون

[چارڻ چنگ ڪاهي ڪري، هليو هٽائين،
چارڻ وڏا چنگ کي جهوڙا ۽ جهاٽين،
"سڀاڳها ساٿين، راڻ رچهائين واڳ تي!"] (اسٽنڪ)

(٢) جاجڪ جهونا ڳجهڙه ۾، ڪو عطائي آيو،
تهه ڪامل ڪڍي ڪينرو، ولهي وڄايو،
شهر سڄو ٿي سر سين، تنهن ٽپايو،
دايون دل ماڻديون ٿيون، پايس پاڙايو،
چارڻ ٿي چايو، ته ماري آهي مڱڻو. (شاهه لطيف)

[چارڻ ڪٺي چنگ اچي ولهي وڄايو،
شهر سڀوئي سر سان هن جي تنهن ٽپايو،
دايون دل ماڻديون ٿيون، پاين پاڙايو،
"ڪو ماري آيو توهي مٿي، مڱڻو."] (اسٽنڪ)

ڪهاڻين ۾ ڪيترن هنڌن تي گفتگوءِ واري عبارت ڏسڻ وٽان آهي. اُن سان بيان جو ڍنگ وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتو بڻجيو پوي ٿو. مثال طور، امل ماڻڪ جي ڪهاڻيءِ ۾ هي ٽڪرا ڏسو: (١) اُيو، توهان جو اِنهيءَ ننڍڙ جو واسطو ڪهڙو؟ توهين ڪي امير آهيو؟ ڪي وزير آهيو؟ ڪي پاتشاهه آهيو؟ جو هن مهل ٽا پڇو. اوهين غريب ماڻهو پڇي وڃي ڪا مسيد هٿ ڪريو." تڏهن پاتشاهه چيس، "ڙي مائي، مون کي واسطي ڏيٺيءَ جي ڏس ڏي ته هيءُ ڪهڙو تجلو آهي؟" چيائينس، "ابا گهوري وڃان خدا جي ناتو تون؛ هيءَ حسن پري پاتشاهزادي آهي، سانداس ۾ ويٺي وهنجي. تنهن جي لڱن لون جي ڪهڙو لهيو وڃي، ته تجلو وڃ وانگي ٿئو وڃي."

ڪهاڻين جو متن

(هتي لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪيترن لفظن جي هجي اُهڙيءَ ريت لکي وئي آهي، جيئن اسٽڪ جي گرامر ۾ ڏنل اُنهن لفظن جي اُچارن جي ڄاڻ پئجي سگهي. مولجهه واري حالت ۾ برئڪيٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي لفظن جي موجوده صورتخطي به ڏني وئي آهي). اسٽڪ ڪهاڻين ۾ 'چيو' جو اُچار 'چئو' ۽ 'ڪيو' جو اُچار 'ڪِئو' لکيو آهي.)

پهرين ڪهاڻي

ٻه زالون ٻار جي لاءِ ٿي وڙهيون، پر ٻنهي جو شاهد ڪو نه هو. ته قاضيءَ وٽ وڃي انصاف گهريائون. قاضيءَ ڪاسائيءَ کي ڪوٺي چئو، ته، ”هن ٻار کي ٻه اَڌ ڪر، ۽ ٻنهي زالن کي وراهي ڏي.“ هڪڙي زال اِها ڳالهه ٻڌي، ماٺ ڪري رهي، پر ٻيءَ روئي دانهن ڪري چئو، ”سائينءَ جي لاءِ منهنجي ٻار کي ٻه اَڌ م ڪر. جيڪڏهن شرا (شرع) ۾ ائين آهي، ته مون کي ٻار ڪو نه گهرجي“ تڏهين قاضيءَ صحيح ڪئو، جو ٻار جي ماءُ اِهائي آهي؛ ته ٻار اُنهي کي ڏياريائين. ٻيءَ کي موچڙا هڻائي ڪڍيائين.

ٻين ڪهاڻي

هڪڙا ٻه ڄڻا پري پرڏيهه تي ويا. سي پنهنجو ناڻو

(خوشبوءِ ٻون). ساڳيءَ طرح، آن (آئون)، اَهين (اَوهين)، اَهان (اَوهان)، آنءَ (هائو، هاڪار)، اَلو اَلو (حرف ندا) جهڙا استعمال ٻہ ٻوليءَ کي زنده ٻول چال وارو روپ عطا ڪن ٿا.

توري ٻہ اِئين چئجي تہ هي کهاڻيون گذريل صديءَ جي ٻول چال واري سنڌيءَ ۽ چارڻن - ڀٽن جي ڳالهين ڪٿڻ واري فن ۽ انوکي دلڪش عبارت جو هڪ اهميت ڀريو رڪارڊ آهن.

گھڻا اَچي گڏ ٿيا، سي سڀ ڏوهي. لڳا ڳڻتيون ڪرڻ،
"هاءِ، ڪيئن ٿيندي! ڇوڪر ڏاڍو ڦاٿو. ڪيئن ڇٽندو؟"
انهن اُنهن جي ڳڻيندي لال ٻجهڪڙ، ڏوهن جو چڱو مڙس،
اُتون (اُتهون) اَچي نڪتو (نڪتو.) سو ڏسي، ٻڌي ٿو
چوي، "ته، ڳڻيو ڇا ٿا؟ ڇپر لاهي، مٿي پٽي ڪيجي،
ته ڇوڪر پاڻهي ڇٽي پوندو." اها سڻي ڏوهن (ڏاهوڙن)
ٻڌي چيو، "ڀلي، واهه، چڱي صلاح ڏني." تڏهن
لڳا ليئن ڪرڻ. اهڙيءَ طرح ڇوڪرن کي ڇوڪراٽيون
ڳالهيون، ڏڏن کي ڏڏاٽيون مٺيون وڻنديون آهن.

چوٿين ڪهاڻي

شهزادي آمل ماڻڪ ۽ شهزادي حسيني پريءَ جي ڪهاڻي

چين ولايت جو هڪڙو پادشاهه لال نالي هو. تنهن
سيفل نالي پنهنجي وزير کي چيو، "مون کي دنيا (دنيا)
جي ڪمي ڪانهي، پر اولاد ڪين ٿو ٿئي."
ائين چئي سيفل وزير کي گهڻو ڌن ڏنائين. چيائنس
(چيائينس)، "هي ڌن اٿيئي، سو وڃي خيرات ڪر،
۽ پڇ ته اولاد ڪو مون کي حق-درگاهه مون لکيو آهي
ڪ نه؟" پوءِ هن پير لي وڃي خيرات ڪئي، ته هتي
هڪڙي فقير کي آواز آيو. تنهن هڪڙي چپٽي خاڪ جي
پري سيفل وزير کي هٿ ۾ ڏني، ۽ چيائس ته، "جيڪا
راڻي لال پادشاهه کي دل گهرندي هئي (هجي)، تنهن کي
اچتي گهڙي مون پاڻي صفا ڪٽوري ۾ اوتي، اها خاڪ
چپٽي وجهي پيئاري، ته خدا انهي کي پٽ ڏيندو. تنهنجو
نالو رکجو آمل ماڻڪ. سو جڏهن وڏو ٿئي، ۽ پنجهه چٽيهه

هڪڙيءَ ٻڍيءَ وٽ ڌراوت رکي چيائونس، ته، اسين
جڏهين ٽئي گڏجي اچون تڏهين هي ناڻو ڏجائون. ائين
تنهنکي مڃائي ڪري ٽئي ويا مسافريءَ تي. گهڻن ڏينهن
پڇاڙو (پڇاڙان) انهن مون هڪڙي اچي، ٻر اچي انهيءَ
ٻڍيءَ کي چيئو، ته، "منهنجو ٻيئو سنگتي مري ويو. اسان جو
ناڻو مون کي ڏي." ٻڍيءَ مسڪين هن جي ڳالهه تي
ويساهه آڻي، سڀ ڪڍي ڏنس؛ ته هو وٺي ڪٿي هليو
ويو. ڏينهن ٻن کان پوءِ اهو ٻيئو به آيو. تنهن به انهي زال
کي اچي چيو ته، "ناڻو منهنجو ڏي." زال هن کي جيئرو
جاڳندو ڏسي وسي ٿي. پيرهيين (پهرئين) جي ڳالهه
نڪي جاڻائين، سا سڀ ٻڌايائس. تڏهين اهي مڙد چيس،
"ٻول پڇي هڪڙي کي ڇو ڏنئه؟" زال وراڻي ڏني،
مٿو چيائين، تڏهين گڏ ٿيڻ نه، نهندو ڏسي هڪڙي کي
ٿي ڏنم." اهڙيءَ طرح هڪ ٻه گهڙي وڙهي قاضيءَ
وٽ ويا. ساري ڳالهه ٻڌايائونس. قاضيءَ ٻڌي زال کي
ٻڏوهي سمجهيو. چيائين، "هيءَ ڏهاڙ ڪينهي. تون
پنهنجي ٽيئي کي پاڙ. انهي ٻيئي کي پاڻ سان وٺي، گڏجي
اچو، ته تو کي هن کان ناڻو ڏياريان". ته هو ٿڪو ٿي
هليو ويو.

ٽين ڪهاڻي

هڪڙو ڇوڪر وانهين کان ٻڪرا ڇپائڻ ويو. وانهون پڇي
جڏهن ڏئڻ لڳس، ته انهي هٿ جي مُٺ. جي جا مٺي
هئي، ايندگر تنهنکي ٻنهي پاسي ٻانهون آڻي ٻڪ ۾ ٻڪرا
وڌا، ته ٿوڙي، جو ٻانهن جي وچ ۾ آئي، سو ڇوڪر جي ٻڪ
ٿو ڇوڙي، نه ٻڪرا ٿا ڪرن، ۽ جي ٿو ڇوڙي، نه
وڃي ٿو سگهي. تنهن کان لڳو روئڻ. نه لنگهي ماڻهو

ڪنهن ٻي (ٻئي) ملڪ جا آهيون، سي هلجي آيا آهيون، ۽ اسان کي خبر نه هئي ته هي ڪي پاتشاهن جون محلاتون آهن. پر اسين ڪنهن مسيد جا ڳولا (ڳولائو) آهيون ۽ اسين وڃون ٿا، ترسون ڪين ٿا، پر اسان کي خبر ڏي ته هي تجلا محلات ۾ ڪهڙا آهن؟" چئائين، "ابا، تهان (توهان) جو انهي پڇڻ جو واسطو ڪهڙو؟ تهين (توهين) ڪي امير آهيو؟ ڪي وزير آهيو؟ ڪي پادشاه آهيو؟ جو هن محل ٿا پڇو. اهين (اوهين) غريب ماڻهو پڇي وڃي ڪا مسيد هٿ ڪريو." تڏهن پاتشاه چيس، "ڙي مائي، مون کي واسطي ڏٺيءَ جي ڏس ڏي ته هيءُ ڪهڙو تجلو آهي؟" چئائس (چيائينس)، "ابا، گهوري وڃان خدا جي نانءَ تون؛ هيءُ حسن پري پاتشاهزادي آهي، سا سنداس ۾ ويٺي وهندي. تنهنجي لڳن تون جي ڪپڙو لهيو وڃي، ته تجلو وڃ وانگي ٿيو وڃي."

انهن پڇي اٿانهون هليا، سي پنهنجي اوطاق تي آيا. ته امل ماڻڪ پاتشاه فقير کي عرض ڪيو ته، "سائين، جي تون ڪامل فقير جريت وارو آهين، ته مون کي دعا ڪر، آئون اها پرڻيان (پرڻجان). پوءِ فقير چيس ته، "اها توکي خدا تعاليٰ ڏياري."

وري پاتشاه صبوح جو موڪلائي فقير وٽون روانو ٿيو. آيو پنهنجي ڳوٺ، ۽ پنهنجي پيءُ لال پاتشاه کي عرض ڪيائين ته، "سائين، مون کي حسن پري پاتشاهزادي پرڻاءِ، جا سندينءَ محلات ۾ ويٺي آهي، جنهنجي حڪم ۾ ست اسي پاڻهي آهي، تن ست اسيءَ ئي پاڻهيءَ کي گابيليون هٿن ۾ آهن ۽ تو پکي وهڻ نٿيون ڇڏين." تڏهن پاتشاه چيس. "ابا، توکي پنهنجي ڏاڏي پوٽي

لڳو ٿئي، ۽ قابل ٿئي، ۽ پنھنجا گھوڙا، ٻيڙا، سپاھي رکي، ۽ پنھنجا آچار وھنوار ڪري، تڏھن ھن منھنجي جاءِ تي وڃيو اچجانءِ" چيائين، "سائين، چڱو".

پوءِ فقير جي چوڻ موجب ٿيو؛ ۽ جڏھن اھو ٻار وڏو ٿيو، تڏھن سيفل وزير لال پاتشاھ کي چيو، "سائين، صاحبزادي کي موڪل ڏي، ته آئون فقير جي پيرن وجھارائي اچانس." ته پاتشاھ خوشيءَ سان صاحبزادي کي موڪل ڏني، ۽ ساڻس سيفل وزير ۽ ٻيا سپاھي ڏنائين، ۽ ٻه گھوڙا ڪوتل جڙاوت جي سنجن سان، ۽ ڪپڙا طرحين طرحين جا، ۽ ڏن، اھو سڀ فقير جو نذر ڏيئي ھلايائون (ھلايائين). پوءِ فقير وٽ رات جو آيا، ۽ جڏھين آڌي رات ٿي، تڏھين فقير شھزادي کي وٺي، ٻيئي چمڙا پوش ڪري، گلستان نالي پاتشاھ جي شھر ۾ ويا؛ ۽ سڄي شھر جو سير ڪري، گھمندا گھمندا پاتشاھ جي گھٽين ۾ آيا؛ ڏنائون ته ھڪڙي محلات آھي، تنھن ۾ ٽِجلا ڪنوڻن وانگي ٻريا ٿين. پوءِ اھل مالڪ پاتشاھ ھڪڙي ڪنڊ ورتي، اُتي ڪنوڻن جي ڏسڻ واسطي لھي رھيو. تڏھن فقير چيس ته، "ھتي پاتشاھن جون محلاتون آھن. تون ھت نه ويھه. آءٌ ته ھلون." ته فقير کي چيائون، "گھڙي ڪن ويھه ته ڏسون ڪھڙا ٽِجلا آھن." اُنھن تي پاڻ ۾ ڳالھيون ڪيائون، ته متون ھڪڙي ٻانھي لٿي، سو ٻي ٻي گھڙي سان. تنھن چيو ته، "مِٺان، (ميان)، بندا خدا جا، آھين (اوھين) ڪير آھيو، جو آڌيءَ رات ڪون پوءِ اچي پاتشاھن جي محلاتن ۾ ويٺا آھيو؟ متان ڪو چوڪيدار جھلي وجھيو، ۽ پاتشاھ کي خبر پئجي وڃي، ته اوھان سان برا حوال ڪري" چيائون، "مائي، اسين

پاتشاهه اچي سيفل وزير کي اها سڄي ڳالهه ٻڌائي، ۽ چئائنس (چيائينس)، "اهو پاتشاهي عهد ڇڏيو، ته شادي بحال ٿيندي."

پوءِ سيفل وزير اها ڳالهه ٻڌي، موڪلائي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو ۽ خير سان لال پاتشاهه وٽ پهتو. اتي لال پاتشاهه پڇيس ته، "موڪلي شاديءَ جو جواب ڏي، ته ڪيئن ڪري آئين؟" تڏهن سيفل وزير سڄي پاتشاهزاديءَ جي شاديءَ جي ڳالهه ڪري ٻڌايس. پوءِ لال پاتشاهه اَمل ماڻڪ کي چيو ته "هيءَ جا روبڪار آهي، سا مڃيندي ڪ نه؟" چيائين، "بابا، مون قبول ڪئي." تڏهن لال پاتشاهه سيدا پاڙا، سمان (سامان)، ٺاهيو ڪڏائون، ٻيا به گهڻا اسباب، روانا ڪيائين (ڪيائين). تنهن ڪاپوءِ پاڻ پٽ سوڌو گلستان پاتشاهه جي شهر ڏي هليو ۽ اتي ڌهل دمر ڪري اچي پٽ کي پرڻايائين.

وري پاتشاهزادو ڪنوار سوڌو پنهنجي ڳوٺ آيو، ۽ ٻئي پنهنجن بنگلن ۾ ڌار ڌار آمهون سامهون اچي ويٺا. اُها ٻانهي به ٻنهي بنگلن جي وچ لي ٿي ويٺي. ۽ جو پاتشاهي قول چيو (چيو) هائون (هائون)، تيئن جيڪا ڳالهه پاتشاهه کي ڪرڻي هئي، سا ٻانهيءَ سان ڪندو هو، تنهن راڻيءَ کي ٿي سڻائي. ۽ جا ڳالهه راڻيءَ کي ڪرڻي هئي، سا به ٻانهيءَ کي ٿي چيائين، تنهن پاتشاهه کي ٿي ٻڌائي؛ ائين ڪندي گهڻا ڏينهن گذريا.

ليڪن پاتشاهه ويهي ويهي ڪنو ٿيو. هڪڙي ڏينهن چيائين ته "هاڻي چڙهي ڪو شڪار ڪريان." سو چڙهي هليو شڪار لي، ۽ وڃي هڪڙي روجهه ماريائين. تنهنڪان گهڻو خوش ٿيو. پوءِ ورندي مهل سپاهين سان ڳالهيون

پرڻائيندا سون." تہ چيائين، "سائين، جي پرڻيندس (پرڻجندس) تہ اها حسن پري پاتشاهزادي پرڻيندس. نہ تہ هي ملڪ، هي تون." چيائينس تہ، "ابا، ڪاوڙ نہ ڪر. آئون توکي اها ساڳي حسن پري پرڻائيندس."

پوءِ پاتشاهہ سيفل وزير کي چيو، "تون گلستان پاتشاهہ جي ڌيءَ حسن پريءَ، تنهنجو سڱ امل ملڪ پاتشاهزادي سان وڃي چڪ." تڏهن سيفل وزير ويو ۽ گلستان پاتشاهہ کي وڃي عرض ڪيائين تہ، "تنهنجي ڌيءَ جو سڱ لال پاتشاهہ پنهنجي پٽ واسطي ٿو گهري." تہ گلستان پاتشاهہ چيو، "ڀلي آئين، لهج آئين؛ پر منهنجي ڌيءَ وڏور ويٺي آهي. تنهنڪان پڇي اچان، تہ توکي ورندي ڏيان." تنهن وڃي پنهنجي ڌيءَ کان پڇيو، "بابا، آئون تنهنجو سڱ ٿو ڪريان لال پاتشاهہ جي پٽ امل ملڪ سان، تنهنجي ڪيئن (ڪهڙي) مرضي آهي؟" چيائس (چيائينس)، "بابا، تون منهنجو ڪعبو قبلو آهين. اوهان ماءُ پيءُ جو چوڻ آئون نٿي موٽايان. پر پيرهائين (پهريائين) منهنجي هڪڙي ڳالهہ ٻڌو. اهين (اوهين) جي منهنجو وهانءُ امل ملڪ پاتشاهہ سان ٿا ڪريو، تہ مون کي پاتشاهي عهد اهو وجهي ڏيو، جو بنگلا چوڌرا ٻہ ٺهندا؛ هڪڙو منهنجو، ٻئو (ٻيو) امل ملڪ پاتشاهہ جو، ٻئي آمهون سامهون. تن مون هڪڙي ۾ منهنجي کٽ پيئي هوندي، ٻئي ۾ پاتشاهہ جي. آئون پنهنجيءَ کٽ تي ويٺي هونديس، پاتشاهہ پنهنجيءَ کٽ تي؛ وچ ۾ منهنجي ڏاجيلي ٻانهي ڳالهي ٻاني ويٺي رهندي. جيڪا آئون ڳالهہ ڪنديس، سا ٻانهيءَ کي چونديس، ٻانهي پاتشاهہ کي ٻڌائيندي؛ ۽ جيڪا پاتشاهہ ڳالهہ ڪندو، سا بہ ٻانهيءَ سان ڪندو، تہ اها اچي مون سان ڪندي." تڏهن گلستان

خوشيءَ ۾ ٽڪر ۽ ٽپوڙ ڪونہ ڇڏيائين. اڃان ٻئو ڏي گهڙيا "نہ چوندا هئس، "ڀلا، ڀپر ورتي آٽي ٻاهر نہ چڙهون." تون انهن هن جي ڳالهہ ٻڌي، اُنهن کان اڳي جيستائين هو سنڀرن، تيستائين چڙهي ويهج. پوءِ جڏهن هي چڙهي جادو ڪري ڀپر اڏائين، تڏهن ڀپر ستن سمنڊن جي وچ وچي لهندو. تون آلي اُنهن مڙيئي کان پوءِ لهج. پوءِ هو ٽين اڳہ ۾، نہ تون پٺ ۾ ٽڄان. جڏهن سفيد ديو وٽ هي سڀ وڃي حاضر ٿينديون، تڏهن سفيد ديو هن جون تاجيمون (تعظيمون) ونندو، ۽ چوندس، "تون ڀلي آئينءَ". اُنهي مهل سفيد ديو وٽ سؤ پريون نچنديون هونديون. نہ هو حسن پريءَ پادشاهزاديءَ کي چوندو، "جي تون هن (هنن) سؤ پرين کي وهاري، مون کي ڏيکاريو ڏي ڏيکارين، نہ آئون توکي ٻئي جمعي تي پرڻيندس"، تڏهن چوندءِ سِ، "ڀلا، انهن کي وهار نہ آئون ٻيهي ڏيان." نہ اهي وهنديون؛ ۽ پاڻ پيشواز پڪي نچندي. تڏهن تون ٻہ سنگين سان گڏجي ويهج. نہ اُنهي کي پيرهين (پهريين) مجري ۾ نولکو هار ملندو؛ سو تون جهپي ڪٽي ڪمر ۾ هڻج. پوءِ جڏهن ٻئو مجرو ڪندي، تڏهن موتين ۽ ياقوتن جو وڳو ملندس. سو ٻہ تون وٺي ڪمر ۾ وجهجانءِ. وري جڏهن ٽئون مجرو ڪندي، تڏهن نولکو ويڙهيو ملندس سو بہ تون وٺي ڪٽي اڳٺ ۾ ٻڌج. پوءِ اچي اُنهي ساڳئي وڻ تي چڙهي ويهج. نہ هيءَ بہ موڪلائي توڪلائي، سرلين ساهيڙين سان اچي چڙهندي ۽ وٺي جادو ڪندي، نہ اچي پنهنجي بنگلي ۾ لهندي. پوءِ شراب جي نشي ۾ سڀيئي ڪيٺون ٿي، اچي سمهي پونديون. تون بہ لهي وڃي پنهنجي بنگلي ۾ سمهج. تڏهن سمهنديون جو اويل، سو اُنيئي سڀ اُٿري وينديون. هي اڳي پهر راس ٿئي، هن کي هار سينگار ڪرائينديون

ڪندو اچي، ته رستي ۾ هڪڙو اکڙيارو فقير گڏيس.
تنهن گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ونئي چيس ته "پادشاه، تو سان
آئون هڪڙي ڳالهه ڪندس." تڏهن انهيءَ فقير کي اُن
تي ڪٺي چاڙهيائين ۽ (پٺيءَ) سان پيادو؛ ۽ اچي لٿا
پنهنجي بنگلي ۾. فقير جون وڏيون خدمتون ۽ چاڪريون
ڪيائين. هنن وڃائي، سيجهند ڏنائي، ڪٿ تي چاڙهي
وهاريائينس. پوءِ پادشاه فقير کي چيو، "سائين، هاڻي جيڪي
چوڻو هجيئي (هجيئي)، سو چئو." تڏهن فقير چيس ته، تو جا
اِها حسن پري پادشاهزادي پرڻي آهي، سا انهيءَ جي دل
آهي سفيد ديو سان. ستن سمنڊن جي وچ ۾ جو بستي (بهشتي)
باغ آهي، انهيءَ بستيءَ (بهشتيءَ) باغ ۾ جمعي جمعي رات
جادو ڪري، پري تي چڙهي، ست سهيلن سان گڏجي، تماشي
۾ ٿي وڃي. سو هاڻي هيءَ شبخابي (شبخوابي) ٽوپي
حڪمت جي ٽوڪي ٽو ڏٺان. سو جڏهن جمعي جي رات
اچي، تڏهن هيءَ ٽوپي پائي، تون سندس بنگلي ۾ چڙهي
وڃجانءِ. متي ته پادشاهزادي لڙ ڪئو وٺي هوندي.
سولا وار ويٺي سڪائيندي. پوءِ جنهن ڳاليءَ تي اها ويٺي
هوندي، تنهن تي وٺي ڪري، تون به وڃي ويهج. ته
تو کي ڏسندو ڪو نه، پوءِ هوءَ هار سينگار ويهي
ڪندي؛ مشڪ ڪٿوري گهرائيندي؛ ۽ چوڙا پيڙا پڪي
ڪري، موتين ۽ ياقوتن جو وڳو آڻائيندي. پوءِ ورڻي ماني
گهرائيندي، سا آڻي دسترخواني تي رکجي. ته تون
انهيءَ سان گڏ ويهي ماني کائجانءِ. هو جي ڏهه ٻارهن
ٻاڪٽان سي تون متون ٿي کائي وڃانس، ته ڌالهن
ڪندي، "ڙي پور چياڻي، ماني آڻ." ته اُو رچياڻي
چوندي س، "ماني، پنهنجي اوپر منجهون اسين ڏهه ٽي
ٻارهن ٿي کائيندا هون هيو اسين. اڄ سفيد ويڻ هاڻ جي

خاب (خواب) ۾ هوس." چيائينس تہ، "مونکي اها خاب
(خواب) جي ڳالهہ ڏس." چيائينس، "خاب (خواب) جي
ڳالهہ جي مونکي ڪهڙي خبر؟" چيائينس، "پاتشاهزادا!
ڏاهو ٿيءُ، مونکي چئہ." چي، "پاتشاهزادي، هڪڙو
خاب (خواب) لڌم تہ تون وهنجي ۽ وڃي وار سڪائين.
پوءِ وار سڪائي، ڪپڙا گهرايا اٿيئي ۽ هار سينگار ڪري
ماڙي گهرائيئہ. پوءِ، ڀانيان ٿو، تہ، آئون توسان گڏ ماڙي
ويٺو ڪان ۽ تو پير گهرايو آهي؛ تنهن تي، ڀانيان ٿو، تہ،
آئون وڃي چڙهي ويٺو آهيان. پوءِ تون بہ سرتين سوڌي
اُٿي پير تي چڙهي آهين ۽ تو ڪو جادو ڪيو. تہ پير
اُڏامڻو ۽ هلي بستيءَ (بهشتي) باغ ۾ سفيد ديو وٽ
لٿاسون. هتي، سفيد جي اڳيئون سؤ پريون اڳيئي بيٺي
نچيون. تہ توکي سفيد ديو چيو تہ "جي تون سؤ پري
وهاري، مونکي نچيو ٿي ڏيکارين، تہ ٻي (ٻئي) جمعي
توکي پرڻيندس." پوءِ تو سؤ پري وهاري، تماشو ڪيو
آهي؛ تہ سفيد ديو توکي پيرهيائين (ڀريائين) لولڪو هار
ڏنو، سو بہ مون جهپي هٿ ۾ ڪيو. وري ٻي (ٻئي)
تماشي ۾ موتين ۽ ياقوتن جو وڳو ماڻيئہ، سو بہ، ڀانيان ٿو،
تہ مون وٽ آهي. وري ٽئين تماشي ۾، ڀانيان ٿو تہ،
توکي لولڪو وينڊيو ماڻيو، سو بہ پاڻ وٽ ٿو ڀانيان."
چي، "سائين! ڀلا آهي شيون مون کي ڏيکار." تڏهن ابل
ماڻڪ پاتشاهہ چيو تہ "خاب (خواب) جي ڳالهہ آهي.
توکي ڪيئن ڏيکاريان؟" پوءِ پاتشاهزاديءَ جڏن تنهن چٽ
ٻڌي، دل ونئي، ڪياس؛ ۽ تهہ ٻهہ جهپي اٿي اُڏامڻي.
تہ پاتشاهہ ابسوس (افسوس) ڪري پڇتائڻ لڳو. چي،
"هاءِ هاءِ! مون کي فقير چيو بہ هو، تہ پري آهي ۽ جڏهن

هيون ۽ سو اُنهي ڏينهن سڄ اُڀري وينديس، ته ڪمڙي ڪٺي پالهين ۾ ٽاڪوڙو وجهندي، ته "ڙيون! اڄ جڏهن پهر رات جو پيو هوندو هو، تڏهن ڪا ڦٽي، ڪا آرسي، ڪا سرميداڻي، ڪا چلمڙي، ڏنڊڻ ڪٺي ايندي هيون ۽ اڄ اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟" تڏهن چونديس، پاتشاهزادي، رات تماشي تي هلي هئينءَ، سو شراب جي نشي ۾ اسان کي سڌ ڪان پيئي؛ ننڊ کري سڄ اُڀري وئوسون." چي، "ڙيون! رات جو ڏولڪو هار ۽ موتين ياقوتن جو ڏڳو، ۽ نِر ٽڪو ويندو، اِهي جي رات موتڪي سفيد ڏيو اِمداد ڏنا، سي ڪٿي؟" چونديون، "اسان کي خبر ڪا ناهي. اسان ڪا اڄ هيترن ڏينهن ۾ تنهنجي چوري ڪئي؟" چي، "ڙيون! ته اهان (اوهان) چوري ڪانه ڪئي. هاڻي جي اهين (اوهين) صلاح ڏيو، ته هيٺ امل ماڻڪ پاتشاهه وٽ هلون." چي، "ڇو ته هلين؟ پاتشاهزادي، اسين کي تو کي منهه (منع) ڪيون ڪريون؟" تڏهن سڀ، اسي سهيليءَ سان گڏجي اُٿي هلندي؛ سي تو وٽ ايندي هيون. ته تون ايندو ڏسي، شاهه پسند وجهي گهوڙا هٿڻ لڳج ۽ جڏهن تو وٽ اچي، ته هٿ وجهي ۾ پڙي ڪڍ جانس. پوءِ تنهنجي وس ٿيندي." ڊڳير اُٿين ڇڏي هليو ويو.

پوءِ پاتشاهزادي جمعي رات ڪن جي چوڻ موجب ڪئو، ۽ اهو سڀيئي تماشو ڏسي، پنهنجي بنگلي ۾ اچي سمهيو. ته هيءَ سهيلين سوڌي وٽس آئي ۽ اچي ڪٽ تي ويٺي. هو اُن جو منهن ڪري گهوڙا هٿڻ لڳو. چيائس، "چڱندا پاتشاهه، اڄ اسان جي ڀالهائڻ ڪاڻ مشتاق (مشتاق) هئين، هاڻي اسان کي ڏسي گهوڙا ٿو هٿين، سو ڇو؟" تڏهن پاتشاهه پاسو ورائي چيو ته، "مان ڪنهن

ڪاٺ پرزا پرزا ٿي پيو. تنهنجي آواز تي شينهڻ جا ٻه پٽ اُٺون نڪتا (نڪتا)؛ هن ٻه رڪيب ۾ پير تي وڌو ته ڦري آيس ۽ چيائونس ته، "مٿان ويندو آهين، ڙي ماڻهوءَ جا ٻچا! تون اسان جي ماءُ کي ماري ٿو وڃين؟" ته اُنهن کي شينهڻ چيو ته، "جي تهين (توهين) منهنجا حق جا پٽ آهيو، ۽ تهان (توهان) منهنجي ٿڃ پيتي آهي، ته مون اوهان کي هن جي همت ٻڪش (بخش) ڪئو. تهين (توهين) هن کي جن، ڀوت، پريءَ، شر کان بچائجو؛ ۽ ڦاڙهو، هرڻ، ٻيو ٻه ڪاڻڻ پٽڻ، جيڪي گهرڻ، سو آڻي ڏجوس ۽ چوڪي رهجوس."

تڏهن اُهي شينهن پنهنجيءَ ماءُ جو چيو مڃي، اُتانهون ساڻس هليا. هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي. پوءِ کهندي کهندي هڪڙي هنڌ اچن ته هڪڙو عمدو ٻلاهه (تلاءُ) آهي، جنهن جي ڪنڌيءَ تي چڱيون خوشبوئون پيون اچن ۽ طرحين طرحين جا گل ڦڙيا آهن. هتي هڪڙي ماڙي ٻه آهي؛ تنهن ماڙيءَ جو هڪڙو سولو، ٻيو رويو ڏاڪو، مٿون وني پاڻيءَ لوڻيءَ آهي، چيائون ته، "هيءَ ڪنهن پريءَ جي جاء آهي." شينهن چيو ته، "سائين! گهوڙو ڪٺي هيٺ ٻڌو ۽ اهين (اوهين) چڙهي هلو." چيائين ته، "ڀلي! چڱو." پوءِ هڪڙو شينهن اڳ ۾ ٿيو، ٻيو پٺ ۾، وچ ۾ پاتشاهزادي کي ڪري، چڙهي ويا. جان وڃي ڏسن ته هڪڙي پاتشاهزادي آهي. تنهن هنن کي ڏسي ڪٺي در پاتو. ته پاتشاهه چيس، "در لاهه". چيائين ته، "پڇي وڃو. ديو جي اچڻ جي مهل ٿي آهي. هن گهڙيءَ مينهن واچ ٿيندو ۽ ديو ايندو." تڏهن شينهن چيو، "اسين در جو هڪڙو لاڪ ٿا ڪيون" راڻيءَ ائين ٻڌي چيو ته، "آئون اچان ٿي پلا!" تڏهن نڪري اچي

ڪٽ تي اچي، تڏهن تون پير ٻڌي ڪڍجانس. پوءِ ٻيو ماڻجانس.“

پاتشاهزادي اچا اُنهن تي فڪر ڪيو ته فقير جو ٻڌايل وارو هو، تنهن کي خبر پئجي ويئي؛ سو وٽس آيو ۽ چيائس ته ”مون توکي چيو هو ته تون مڙس آهين، هوءَ مهري؛ پر پٽي ڪڍجانس. سو تو ڇا ڪيو؟“ چي، ”سائين! وسري ويم. مون کي هاڻي ڪا مصلحت (صلاح) ڏي. تون ڪامل فقير آهين.“ فقير چيس، ”هاڻي پٺهي جي ڪڙهه، پر ساموندي ڏيرُ گهوڙو بيٺو آهي، سو ڇوڙي تنهن تي سڀ سونا روپا وجهي، تاهي گل ڪري، هيرن موتين جا ڪيسا ڀري، ٻي ٽي ورهين جو خرچ کڻي، سفيد ديو جي ولايت ٻڌائيندو وڃجانءِ.“

پوءِ جئن فقير پاتشاهزادي کي چيو، تئن ڪيائين. اُٿي هليو. ته هلندي هلندي هڪڙي ٻيلي ۾ وڃي پيو. جان ڏسي ته هڪڙي شينهڻ آهي؛ تنهن کي پير ۾ ڪانو پيهي ويو آهي سا تنگي پئي آهي؛ تڏهن هن شينهڻ پاتشاهزادي کي ڏسي چيو ته، ”ڙي ماڻهو جا ٻچا! خدا جي نانءَ تي مون کي هيءُ ڪانو ته ڪڍ ڙي؟“ ته چيائس، ”گهوري وڃان خدا جي نانءَ توتان. تون شير خدا جو، مون کي ماري وجهين ته پوءِ آئون ڇا ڪريان؟“ چيائس ته، ”آئون توکي دستگير ضامن ٿي ڏيان.“ تڏهن هيءُ گهوڙي تون لهي پيو. شينهڻ چيس، ”ماڻهوءَ جا ٻچا! تون هو ڪانو ڍارڙهي کڻي منهنجي اکيون رک. متان مون کي ڪاوڙ اچي ۽ چنبو هڻان، ته ڪانو کي لڳندو. تون اچجانءِ.“ هن اُنهن ڪيو، ۽ خدا جو نالو وٺي ڪانو ڇڪي ڪڍيائس. ته شينهڻ کي ڪاوڙ آئي ۽ چنبو ڪانو کي هڻيائين ته

۽ رڳيون ڳالهيون آهن. هاڻي هي وڃي ٿو اٿي، سو ونئي ٻئي جمعي جي رات اُتي سفيد ديو جي باغ ۾ اچي لڪجانءِ. اُتي ٻه ٻانهيون منهنجيون سونا روپا گهڙا کڻي، ڪنهبا ڪري ايندئون. تون گهوڙي پٺيان جو منهن ڪري، اُنهن جي گهڙي ۾ ڪٺي وجهندو وجهج. پوءِ اُهو آن ڏسنديس ته توکي ٻانهي ڏياري موڪليندس. اُها ٻانهي توکي چوندي ته "توکي جيڪو فرياد ڪرڻو هجي (هجي)، سو تون اچي ڪر." ته تون هي فرياد ڪج، "منهنجي حق نڪاح جي زال سفيد ديو تو پرڻي." تڏهن توکي اُتي ديو چوندا ته "تون سڃاڻندين؟" ته چئجانءِ "هئه" (هائو). پوءِ اُتي سؤ ڇڙيون هڪ جهڙيون قطار ڪري بيهنديون، تون جنهن کي اک لي ويندو ڏسين، سا سڃاڻي ڪيج. ته اُها آن (آئون) هونديس." پادشاهزادي هن جي ڳالهه ٻڌي، مڃي، وڃي ڪٺي ڏنس. ته هوءَ وئي هلي.

وري ٻئي جمعي جي ڏينهن اُتي باغ ۾ آيو؛ اُهو ويندو، جڏهن پريءَ چيو هوس، تڏهن ٻانهيءَ جي گهڙي ۾ وڌائين. ته ٻيءَ ٻانهيءَ اچي چيس، "رات شادي آهي. تون اچجانءِ" ته هاڻي اُتي آيو؛ جوءِ جو فرياد ڪيائين. ته ديون چيس، "تون اُنهي کي سڃاڻندين؟" چيائين ته، "آئين". پوءِ ديون سؤ پريون هڪجهڙيون ڪڍي بيهاريون. جڏهن پاسي پالن وارا بيهاريائون ته جي تنهن پري ڏٺائين ته سڃاڻي، تنهن پالا هٿ لوهه جي ڪلن ۾ ڪٺي ٽنگجوس، تنهن سرٽيون ڪاٽيندس. پوءِ هن کي چيائون، "سڃاڻ". هن هڪڙو پيرو مٿون وٺي سڀني کي ڏٺو. پر نه سڃاتائس. تڏهن شينهن چيس، "فڪر نه ڪر. اسان جي جيڏري تنهنجي وار جو ناڻو به ڪونه ڇنهندو". وري ٻئي پيري به سڃاڻڻ ۾ نه آيس. ته شينهن کي چيائين،

ٻاهر ڪت لئي ويئي. پاتشاهزادو به تنهن ڏينهن ساڻس ويئو.
راڻيءَ پڇيس ته، ”پاتشاهه! ڳالهه ڪر، ڇا ٿو پڇين؟“ ته
چيائينس، ”حسن پري سفيد ديو جي ولايت ۾ اڪري
وئي آهي، تنهن جي ڪا خبر؟ چيائينس ته، ”ها ته،
منهنجي پيءُ آهي. چيائينس ”ڪو ڏس ڏي.“ تڏهن هن
دوربيني پائي چيس ته، ”هو جو پهر آهي، اُلي تلاهه
(تلاءُ) اٿيئي. تني وچ. اڄ جمعي جي رات آهي. سڀاڻ
جمعي جي ڏينهن پيشن جو هوءَ سهيلين سان گڏجي اُلي
وهنجڻ ايندي، ۽ وڳا لاهي سڀ تلاهه (تلاءَ) ۾ گهڙنديون.
ته جنهن جي وڳي جي اڳيت ۾ ياقوت هوندا، ۽ پٺور پيا
گوڏار ڪندا، اهو اٿيئي حسن پريءَ جو وڳو.“

پوءِ هيءُ موڪلائي شينهن سوڌو اُٿي هليو، ۽ پير
هيٺ آيو. اچي لڪي ويٺو ته شينهن چيس، ”تون هاڻي
آرام ڪر؛ اسين ٿا ڏسون.“ جنهن مهل اُهي پريون
اينديون، تنهن مهل اسين توکي جاڳائينداسين.“ ته اچان
هن ننڊ ڪئي، ته پريون مٿون چمڪار ڪري اچي
لٿيون. شينهن جاڳايس ته، ”پريون آيون اٿيئي.“ شينهن
کي چيائين ته، ”اهڙو ڪو چال ڏس، جو وڃي اُهي وڳي
تي پهچو.“ شينهن ٽپو ڏيئي وڃي وڳي تي پيا، ته ٻيون
پريون پنهنجا وڳا ڪڍي اڏامي ويئون. اُتون ٻيهي حسن پريءَ
کي چيائون، ته، ”اَدي! هاڻي هي ڏاڍي ٻڌو تنهنجو
آيو آهي. سو توکي ڪين ڇڏيندو. هاڻي ڪيئن ٿي
پائين؟“ تڏهن چيائين ته، ”اوهين ترسو. وڃو م، آئون
هن سان ڪو عهد ڪري، اوهان سان گڏجو ٿي هلان.“
ته ٻيهي رهيون. پوءِ پاتشاهه چيس، ”هاڻي اڪر.“
حسن پريءَ چيو ته، ”حق جو مڙس تون آهين. هن سان

اسان کي جي حڪم ڏين، ۽ اسان جي چوڻ ۾ ڪٿي
لوڙهون پئي ڏين، ته اسين هن ڪوهه ۾ گهڙون." چوائين،
"چڱو". پوءِ هو گهڙيا. جان اندر وڃن، ته تعريف ڏٺيءَ
جي ڇڏجي! هڪڙو وڏو عمدو شهر آهي؛ پر انهي جا
ماڻهو ڇهه مهينا ننڊ ڪن ۽ ڇهه مهينا جاڳن. پوءِ انهي شهر
گهمندي گهمندي هڪڙو باغ ڏٺائون. انهي باغ ۾ هڪڙو
بنگلو هو. انهي بنگلي ۾ ڏسن ته هڪڙو ديو سمهيو پيو
آهي. حسن پريءَ راڻيءَ جي گوڏي تي ڪنڌ رکيو آهيس.
راڻي هنن کي ڏسي خوش ٿي ۽ چوائين ته، "هاڻي ڪنهن پر
موٽي هتان ڪيو." ته شينهن هنئن ڪيو. هڪڙو ٻوچڻ
ويڙهي ديو کي ڪنڌ هيٺ ڏنائون؛ ۽ راڻيءَ جو گوڏو ڪڍي
ٻاهر ڪڍائون. پوءِ صلاح ڪري، انهي ٽپ ڏيئي، چاليءَ تي
چڙهي، جهو باڻي ڇڏيس. انهين ديو کي ماري ٻاهر اچن،
ته هڪڙو سانوڻي گهوڙو ٻڌل ڏٺائون؛ پر سون جي
زنجيرن ۾ ڪڙا ڪرف پيا اٿس. ڪنجون به اتي پيون
آهن. تڏهن انهي گهوڙي شينهن کي ڏسي چيو ته، "مون
تي امل ماڻڪ پادشاهه جي سواري لڳي آهي. سو مون کي
به وٺي هلو." پوءِ انهي جا ڪلف لاهي، ۽ انهي تي راڻي
چاڙهي، ٻاهر آيا. هنن کي ڏسي پادشاهزادو ڏاڍي ٻهار
ٿي پيو ۽ ڏاڍيون شاباسيون شينهن کي ڏنائين. تڏهن
شينهن چيو ته، "سائين، هتي خزانو گهڻو پيو آهي. حڪم
هجي ته ڪٿي اچون؟" چوائين، "نه، اسان وٽ ڪي ڪٿو
آهي چا؟"

پوءِ اتاهون، اٿي هليا. سي پنهنجي ڳوٺ جي ٻاهر
آيا. جڏهن لال پادشاهه ٻڌو ته، امل ماڻڪ پادشاهزادو،
حسن پريءَ پادشاهزاديءَ سوڌو آيو آهي، ته دهل، دمر،

ٻڌائي، ته ٻيئي ٿيا.“ شيخن چيو، ”تون اُلڪو نه ڪر.“ پوءِ حسن پريءَ ڏٺو ته هاڻي هلاڪ ٿيو آهي؛ تنهن ڪري ونڊو ور مان ڪڍي ڪٺي ڪري رکيائين. ته ٽئين پهري ۾ نڪ تي ويندو ڏسي، سڀاڻي ڇڪي ڪڍيائس. تنهن تي سڀني چيو، ”ٻاپي، پاتشاه. اها ساڳي هيڙن مون ڪڍي آهي، شاباس اٿس.“ ۽ اُلو اُلو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ سفيد ديو حسن پريءَ ته ڏيءَ ڪري، اصل ماڻڪ پاتشاه کي پرڻائي ڏني. ۽ وڏا شادمانا ٿيا.

پوءِ هي ڪيترا ڏينهن اُتي ٽڪيا. هڪڙي ڏينهن پاتشاهزادي دل ۾ چيو ته ”جيڪر گهوٽ هلون.“ اها ڳالهه ديو کي وڃي چيائين، ”سائين، موڪلي هاڻي موڪل ڏيو ته گهوٽ وڃان.“ ديو چيس، ”ڀلين ته اسان جي اکين تي؛ ته ته به تنهنجي مرضي“ پوءِ ديو ٻانها، ٻانهيون، اُٺ، ڪجاوا، گهوڙا، خزانا، ڏيئي موڪل ڏنيس. هو اُتاهون هليو.

هلندي هلندي رات هڪڙي کوهه تي اچي پيس. پاتشاه راڻيءَ سان گڏجي سمهي پيو. ٻيا سڀيئي چوڪيءَ تي چئني پاسي ويهي رهيا. پوءِ اڌ ٻيءَ رات جي مهل اُهي کوهه مان هڪڙو ديو جو ٻچڙو (ٻچڙو)، سو راڻيءَ کي کڻي اندر ويو. جڏهن صبوح ٿيو، ته پاتشاه اُٿيو. جان ڏسي ته پاتشاهزادي آهي ڪانهي (آهي ئي ڪانه). تڏهن وڏو اُلڪو ڪري پنهنجي نوڪرن کان پڇيائين ته، ”راڻي ڪٿي؟“ هنن چيو، ”خداوندا، اسين ته ڪو ڪونه. رات راڻي تو وٽ سمهي هئي، سا تون هاڻي اسان کان ٿو پڇين.“ ته پاتشاه وڏي افسوس (افسوس) ۾ پيو. شيخن چيس، ”سائين، هاڻي

ماريندا ها. سي ڪٽي قوت ڪندا ها. هو جو نينگرڙو هٿ آين، تنهن جو نالو رکيائون ٻيجل. سو گهوڙا چاريندو وتي.

تنهن کان اڳاهون، يا علي سائين، مديني جو مل (ملهه)، تنهن هرڻ ماريو هو. سو کهي انهي جا عضوا شيڌون ڪري، پچائي، کائي، آندا تنهن جا وڻ تي اڇلي ڪٽي ڇڏيا هائين (ٽنگائين). پاڻ ويندو رهيو. ڏکڻ جو واءُ جو لڳو، سو اهي تندون آواز اهڙو پيدا ڪن، جو مرون ٽنو، پکڻ ٽنو، ڪل ڪندڙ نائي، پيهي اچي ٻڌن. جڏهن واءُ بس ٿنو، ته تندن به بس ڪئي ۽ پکي پکڻ به ويندو رهيو. اُتي (اُتي) ٻيجل جو آيو، سو اهي آندا اچي ڪنيائين ۽ چنگ ناهي، تنهن تي ڪٽي چاڙهيائين. پوءِ ليرڇو سهڻ ڪندڙوءَ تي گهي، جان ڪٽي وڄائي، ته چئوٽا هرڻ، مرون، پکي هليا اچن. هي هيئن ڪري، جيڪي به ٿي انهن مڃهان ڪپنس، اهي ونيو اچي؛ ٻٽا ڪنيو ڇڏي. چارڻ وٽ جو آيو، سو جهجهوئي شڪار آڻي اڳيون رکيائن (رکيائين). ته اهي چوڻ لڳا، "هي چڱو ڪاٺو پٽ ديساهه پاتشاهه ڏنو؛ اسين آٽيون هڪڙو ٻه، هن اسان جي ٻکه ته لاٿي، پر ٻٽا به ڪيترائي ٿا اسان وٽون کايو وڃن." پوءِ ڪٽي پرٽايائونس چارڻ جي ڏيءِ.

اَنيراءِ پاتشاهه جو هو، تنهن کي ست ڌيئر اڳم هئيون. هڪڙي پوءِ ڄايس. تنهن کي سون رپو پائي، صندوق ۾ وجهي، لوڙهي ڇڏيائس (ڇڏيائينس)؛ جو اڳي ٿي گهڻيون ڌيئر آهن. چورين ڪٽي ورايا آهيون. هڪڙو رانو ڪنيار راءِ ڏياچ جي ڳوٺ ۾ هو؛ تنهن کي هٿ آئي. سا صندوق مون ڪيدي، ليئي سالي پائين. نالو رکيائنس

نغارا، نوبتون، ڪرنايون، شرنايون ڪري اچيون وٺڻ آيس. ۽ آبروءَ سان پنهنجي پٽ ۽ نوهن کي وٺي آيو. تنهن لئي سڄي ملڪ ۾ واڌايون ۽ خوشيون ٿيون. جهڙي خدا تعاليٰ اُنهن جي پوري ڪئي، تهڙي ڇال (شال) سڀني جي ٿئي!

پنجين ڪهاڻي

راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي

گرنار ڪوٽ ۾ راءِ ڏياچ نالي هڪڙو پادشاهه هو. تنهن جي ڀيڻ فقير کان گهريو، "سائين، مون کي پٽ ڏي." فقير چيس ته پٽ ٿيندءِ، پر راءِ ڏياچ جو سر وڍيندو. هن چيو ته "سائين، اهو پٽ ڀلي ڀئو، جو پاڻ جو سر وڍي. پر فقير جو چوڻ ٿيو، سو ٿوري کي نه. ٿوري گهڻي ڏهاڙي مائيءَ پٽ ڄڻيو. پوءِ تنهن جوڙي، صندوق ۾ وجهي درياءَ (درياهه) ۾ لوڙي ڇڏيائين. پلي ماڳر مڇ کائنس. پر ماڳر مڇيءَ جي ڪانڊ جو ڪين هو. فقير جو امر هو، سو وڃي انيراءِ نالي پادشاهه جي ملڪ ۾ چارڻن جي ڳوٺن (ڪنو). سو اُتي چارڻ ۽ چارڻي، جال مرس (زال مڙس) ٻئي آيا ها پاڻيءَ کي. ان اُها صندوق ڏٺي. سا ٻاهر ڪڍي پٽين ته، منجهس ٻار ڏٺائون. هنن ڪٽي وڃي سانڍيس. سو اَج نڍو، صبوح وڏو، انهن ٿي وڏو ٿيو. پوءِ هن کي ڏڍه ۽ گهوڙا ڏنائون، ۽ چيائونس، "چاريندو وت." چارڻ ڪم ڪهڙو ڪندا ها؟ پاڻ هٿين ٻهر سروج لئي هرڻ رڃهائي

”ڇٺين، تون ڇو نه؟“ ته پاتشاهه اٿ، ڪڄاوا ڏنس،
ماڻهون (ماڻهو) ڏنائس (ڏنائينس)، سيڌا پاڌا
ڏنائينس. دهل دمر ڪري ڇڏائس (ڇڏائينس). ”يار،
آئي آن (آئون) هلندس، ته راءِ ڏياچ جنگ ڪندوسون.
تنهن ۾ ڪان سان منهنجا ڦيرا ڏياري، وٺي اچيندس.“
پوءِ هي پنهنجي ملڪ ڪاهي آيو. اچي ڪان سان اٺين
ڦيرا ڏياري، اڌيءَ رات جو مشالن (مشعالن) سان
اچي هليا. راءِ ڏياچ، جو ڪوٽ تي ويٺو هو، تنهن جي
نگاهه مشعالن تي پيئي. ته پنهنجا ماڻهو ڊوڙايائين. چي،
”ڙي، هي مشعال ڪهڙا؟“ ته اڳيان کان خبر چار وٺي
وري اچي راءِ ڏياچ کي چيو، ”سائين، انيراءِ راڻي
ڪنيار جي گهرڻ پرٽيو آهي. تنهن جا مشعال ٿا ٻرن.“
هن چيو، ”وٺي اچو راڻي کي.“ پوءِ وٺي آيس. راءِ
چيس، ”ڙي، موکي سڀي پرٽايئين (پرٽائيه)؟
اهڙي ڪا سهڻي ڏيءُ اٿيئي، جا انيراءِ کي پرٽائي
اٿيئي؟“ چيائس (چيائينس)، ”سائين، مون چيو، مون
غريب جو ٻار پاتشاهه قبولي ڪا نه؟ تنهن ڪري ته چيم
(چيم).“ راءِ چيس، ”ڙي، توکي ٻه جواب: تنهنجي
انيراءِ کي نه جواب. زال آهي منهنجي.“ ائين چئي زال
گهرائي ورتائين. انيراءِ جا ماڻهو، جي هتوان ڀڳا، سي
وڃي چون انيراءِ کي، ”سائين، زال تنهنجي راءِ ڏياچ
کسي ورتي (ورتو)“. انيراءِ ٻيڻدي لشڪر ڪري چڙهيو.
اچي ٻارهن مهنا ڪوٽ سان جنگ ڏنائين. پر ڪوٽ تي
نه توف جو گورو رسي، نه غباري جو: اڌ ٿي مون وريو
اچي هيٺ پوي: مٿي رسي ٿي ڪين. ليکت هيءَ اتاهون
شهه ڪائي وريو، ۽ پنهنجي ملڪ آيو. پوءِ رتن ٽڪن جو

سورت. رني جي پاڙي اميراءُ پاتشاهه سان هئي. سو گهڻا ڏينهن اُنهي وڻ وٽ ويٺو هو. پوءِ چيائنس (چيائينس)، "سائين، مونکي هاڻي موڪل ڏي ته آن (آئون) ڳوٺان ٿي اچان." پوءِ ٻن مهنن جو ڪرڻ ٻڌائين ته ٻه گهر ۾ ٻن ڪان چار لنگهي ويس (ويس). تڏهن اميراءُ پاتشاهه سپاهن (سپاهين) کي چيو، "رنو ڪنير جڏهين اچي، ته آن (آئون) ڪچهري ٻاهرايان، تڏهن ماري وجهجوس."

هوڏهون رني ڪنيار جوءِ کي چيو، "پائي، تنهن ۾ اميراءُ ڏنو اٿم ته سو هاڻي هن وٽ وينديس." زال چيس، "ماريا، لون وڃين ٿو، ته پاتشاهه ماري وجهندءِ." چيائنس (چيائينس)، "نه ته آن (آئون) وڃان ٿو." هي گهوڙي تي چڙهي، پنهنجي ماڙهن (ماڻهن) سان اٿي هليو اوڏانهين. جڏهين اتي پهتو، تڏهين ڪاهي آيو ڪچهري ۾. اڃا جڏهين هي ايندو هو، ته سندس گهوڙو پاتشاهه جا ماڙهو اٿي وٺندا هئا. اُنهي ڏينهن ڪنهين ڪين اچي ورتس. ته به هي ڪاهي وڃي ٻيٺو پاتشاهه جي اڳيان. پاتشاهه منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪيو (ڪيو). هن چيو (چيو)، "پاتشاهه، ڇو اڄ منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ٿو ڪرين؟" پاتشاهه چيس، "ڙي ڪنير جا پٽ! مون سان ٻي مهني جو ڪرڻ ڪيو هوءِ. لون چوڻين مهيني ور يو آهين." ته ڪنير چيس، "ڳيهلا (ڳهيلا) پاتشاهه! منهنجي حال جي ته ڳالهه پڇين ئي ڪين." چي، "ڙي، ڪهڙي تنهنجي حال جي خبر؟ ٻڌاءِ." چيائنس، "سائين، خبر هيءَ. مون کي ڏيءَ وئي آهي، وڏو ر ته سا پاليم ته پرڻائي، پوءِ لوڏي اچان." چيائس، "ڙي، اها مونکي ڇو نه پرڻائين؟" چي،

(٥)

پوءِ راجا کي ٽئين رات جو ٻڌايو ٻيجل،
"سهڻين ها سنسار ۾ ٻيا پڻ دانا دل،
سنڀي آءُ، سورٺ - ڌر، تنهنجي هند و ماڳ هڪل،
ٽيلا هئين مون تو مٺيو، آيس منجهه اُڇل."

(٦)

"چارڻ،" چوٿين رات کي، "آءُ، نڀج آئين، جيءُ:
پدم پدم پائلا، جيڪر ڪرين جميع،
پلنگ، پٿرڻيون، پالڪيون، وٺي راضي ٿيءُ،
صبوح سوايو ڏيانءِ، حال دان اُتيئي هيءُ."

(٧)

پنجين رات پلٽيو، ريو، سون سڀيل،
"دانا، وٺان نه دان مان، ني ڦيرائي فيل،
آکيه ٿي اَصيل، سر ڏي، نه سرهو ٿئين."

(٨)

ڇهين رات چڪايو، سالڪ سوري ساز،
ڳايائين ڳُوڙهه گرنار ۾، تنهن جي آوَهه ڪئو آواز،
صلاح سان 'صادق' چوي، "راجا، مڃ تون راض،
صبوح سرفـــراز، سائين، ٿيندءِ منگتو."

(٩)

"سِرُ، راضي تون راڄ ڏي،" ستين رات، "سوال،
راجا روءِ زمين لي ڪئين ميڙ پيدا وڏا مال،
ڪن سان ٽيٽهه، ڪين ٿئو، جن جو ايڏ و ئي اقبال،
ڪر پلايون پال، سر ڏي، نه سرهو ٿئين."

ٽال ڀري، ٻانهيءَ کي ڏنائين ته، "چارڻن ۾ وڃي ڏهاءِ؛ ڇي، جيڪو راهه ڏاچ جو سر ويڙي اچي، تنهن کي هي ٽال ته ڏئبو، پر پڇو ته جيڪي گهرندو، سو ڏئبس." ڀيڄل جي جا زال هئي، تنهن ٽال وٺي رکيو. مٿان آيو ڀيڄل. تنهن پڇيو، "رن، هي ڪنهن جو ٽال ڇو وٺي رکيئه؟" هاڻي جي اٿو وڃي، ته چارڻن جو ڪوٽ ٿو ڦري. تنهن ڪري هاڻ پڇس. پوءِ –

(١)

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، هليو هٿانئين،
چارڻ وڏا چنگ کي جهوڙا ۽ جهانئين.
سباجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ ٿي.

(٢)

جهڙو مرڪڻ منگتو، تهڙو ئي ڏاتار،
سڀائي سورت ور ڪان، ته هن ڪئو تهڪار،
تنهن کي اچي چارڻ چورئو، هيءُ اڱڻئي ڏئڻهار.

(٣)

پوءِ پاٽ ڀرڻ راڄ ۾ گڙهه پاسي ڳايو.
ڏلؤ چئي، گرنار ۾ ڪو اڄهي آيو،
سالڪ ساز سروج کي ڪيئن ٿي ڪمايو!
آيو سر سوالي منگتو، اچي ڀيڄل ٻولايو.

(٤)

پوءِ ڀيڄل کي ڀيءَ راڄ جو، سڏايو سلطان،
"ڪڏهين ڪو نه آيو پير تنهنجي، پان،
ڇوري چنگ ڇو ايج نون، مٿان مهربان."

(١٥)

ٻارهين راتِ، "ٻهون ڏٺان، هيرا، موتي، لال،
ڇا زيبا، زريون، ٻافتا! ڇا سرپاهيون، سکپال!
ڪوڙئين ڏٺاءِ، مڱتا، وٽ موتي جواهر، جال."

(١٦)

ٽيرهين راتِ ٽمبير سان ڪٽائين وڏائي وس،
"عجب جهڙا مڱتا، ٽنهنجي راڄ رهايو رس،
جاچڪ، آئيئي جس، سالڪ، گهرين سر ٿو."

(١٧)

"ڇوڪو" چوڏهين راتِ جو، "سر ڪر سخاوت،
تون نه ويندين تن سان پوءِ آندر آلبت،
ڪامل، ڇڏ تون ڪٿ، سر ڏي ته سرهو ٿئين."

(١٨)

"ٻر ڇڏي تو پنڌ ڪئو، ڪين ٻڌءِ، ٻيجل!
مهدان آئون نه مڃانءِ، نه ٿيئي خلق جي ڪل".

(١٩)

"اڄهو ساريم، گڙهه ڏٽي، توڏهن آيس ٽئين،
هيڏو ڏان ڏياچ ري، ٻئو نه ڪو ڏئي،
سر ڏاتار ڏئي، مهت لهي هي مڱتو."

(۲۰)

"تون گهرين، آن نه ڏٺان؟ ڪريان جي نهڪار،"
"رهيٺي،" راءِ ڏياچ چوي، "ڇا، منهن ۾، مڱڻهار؟"
ٻوءِ سيٺي آرها ٿئا، سر ٻاسيو ڏاتار.

(١٠)

ٻڌو ڀاٽ ٻرچي کين کي، راڳ اُنهن آئي،
"ٻيجل، ٻولي تنهنجي تي، معلوم مُون پائي
وڄهي وار نہ، منگتا، وڄڻ جي وائي."

(١١)

چارڻ چوري چنگ کي ڪئو ڳائڻ راڳ لڏان،
"تنهنجي سازسروج تان، لک ڪوڙيون قربان (قربان)،
وٺ داتا کان دان، چا، سالڪ، ڪنڌ ٻن سر کي."

(١٢)

"سڻ، راضي ٿي ۽، راءِ تون، "ڏهين راڳ، "ڏاتار،
ڪر سخاوت سر جي، غازي تون گرنار،
ڪپي ڏي ڪاپار، سر ڏي، نہ سرهو ٿئين."

(١٣)

"ڏهيسر جان ڏهہ سسيون، ڏهہ ٿي هوند ڏيان،
ڏڄ مٿي سر هڪڙو، ڏيندي لڄ مران،
هاٿي هنبارن سان، گهوڙا ڏيان ۽ گهڻا."
"مور نہ ڀئي منگتو تنهنجي منجهہ ڪڻا،
سر لاءِ تنهنجي هڻان، سر ڏي، نہ سرهو ٿئين."

(١٤)

"مٿي ڪارڻ معاملو،" راڳ ٻارهين ۽ "چاڪاڻ؟
وٺ داتا کان دان مان، خزان جي کاڻ،
ڄڻهہ، سالڪ، سڪپال لي، مڏيون وڃو ماڻ،
اڳيون راڳ رهاڻ، ڪبہ مدامي، منگتا."

منٺ نه مڃين، منگتا؟ آهين وڏو ٻيلي.

(٢٧)

چل ته چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولا اڍائي،
ڪنڌ هن ڪو ٻه نه آيو، ڳڙهه مٿي ڳائي،
سالڪ، ستاري، ڪري وچ مڙي، ٻائي.

(٢٨)

چل ته چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولا ٽي،
تازي طبيلن مان، جي وٽڻين، سي ٽي،
سڀ منهنجي ڪي، مُنڌر گهر مُر، منگتا.

(٢٩)

چل، ته چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولا چار،
جهل ماٽڪ، ٻڌ موڙي، ڪر اڳين جي پار،
راٽيون ڪي مر رٿار، منٺ مڃي وچ، منگتا.

(٣٠)

چل ته چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولا پنج،
تازي طبيلن مان، جن لي سونا سنج؛
اسان ڏنٺ ايترو، ٻٽو سائين ڏينده گنج،
سڀ منهنجي هنج، ڪسي وچ مر، منگتا.

(٣١)

چل ته، چارڻ! تو ڏنان، گوليون ۽ ڏوليون،
ڪر مر وائي ويڻ جي، ٻجل، اهي ٻوليون،
ادا، ڏنان ۽ اولون، مڙي وچ تون، منگتا.

(٣٢)

مال ملڪ تون، منگتا، جهل ڪلين سان ڪوٺ،

(٢١)

پاپي آيو پر، گهارڙو ساز ڪٽي سرندو،
وائي ناهيس وات ۾، گهر اها گهرندو،
مٽي ري ملوڪ جي چارڻ نه چرندو،
جهوناڳڙهه جهرندو، رونجهي راءِ ڏياچ جو.

(٢٢)

چارڻ ڪٽي چنگ، اچي ويهي وڄايو،
شهر سڄوئي سرسان، هن جي ٽمڊن ٽپايو،
ڏاڍون درماندون ڏٺون، ٻاين ٻاڏايو،
"ڪو ماري آيو، توهي مٽي، منگتو."

(٢٣)

"آءُ، مٽي ٽي، منگتا، چڙهي ۾ چوڏول،
لوڪي راڳ گهرائيو، راڄا منجهه رلول،
ٻيجل، توسان ٻول، ڪهائين وهاٽيءَ وڻ جي."

(٢٤)

سورٺ منگڻهار کي جال ڀري جاڻا،
"آسين ٻنئي، ٻه جٺا، ٻيجل جا ٻالها،
چڙ ٽمڊن جا طعما، مُڙي وڃ تون منگتا."

(٢٥)

چل، نه چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولو ايڪ،
منت نه مڃين منگتا؟ آهين وڏو ليڪ.

(٢٦)

چل نه چارڻ تو ڏنان، ٻره ٻٽولو ڏٻه،

ڪٽي لپايو. مگر مون پيدا ٿيو، لنهن ڪري نالو رکيائونس مگريو. اُنهي جو اولاد 'مگريا'. تيلاهين ان جا شهر 'مگريا' ٿا سڏجن.

عشق راءِ ڏياچ ڪيو، جنهن سر ڏيئي ڏيکاريو،
ٻيو عشق ماڙس ڪيو، جنهن نه ڪيو نڪارو،
ٽيون عشق سورٺ ڪيو، جنهن سٿيءَ سٽ سوهارو،
چوٿون عشق بيجل ڪيو، جنهن ٻول پنهنجو پاتو،
پنجون عشق چارڻ ڪيو، جنهن ڪالڪ ٽان جيءُ واريو،
نالت (لعنت) انيراءِ ڪيو، جنهن پير وڌو پاسارو،
پنج ئي پيا منجهه پڙ، ڳنهي ويچارو،
سڀئي سرها ٿيا، ڪيائون ڪم سوڀارو،
وڏو نالو رام جو، سڀ ٿئي موچارو.

قصور راءِ ڏياچ جو پورو ٿيو.

هاڻي هيڏو ر هڪڙا، ماڪ جهڙي موت،
هيءَ راڻين جو گهوٽ، مٺو گهرم، منگتا.

اِئي راءِ ڏياچ ماءُ وٽ ويو ۽ چيائين:- "امان، هڪڙو چارڻ منهنجو سر ٿو گهري. مال، راڄ ٿو ڏي، گهڻائي ٿو ڏيانس، نه ٿو وٺي. تنهنجي مرضي ڇا؟ سر ڏيانس؟" تڏهين —

"م موٽائج منگتو،" خالق راڻيءَ چيو،
"آيو جو آس پڄي، مر سرهو وڃي سو!
ڏجي نام ڪرتار جي، سو ڏيئي سر سرهو."
خالق چيو راوَ کي، "وير! ڪر م ويچارو،
جي جيئندين ڪيترو، ڏيندءِ سر سونهارو."
راوَ چيو راڻيءَ کي، "ڪڏي ڏيم ڪنارو،
ڏيان ٿو نانءِ ڪرتار جي، سڄي عالم آڌارو."
لاٿائين لوهوءَ اَلان چم، ڏيئي چنڪارو،
سندئين هٿين سر ڪٽي، ڏنائين ڏان موچارو.
سورٺ اَلي دلگير ٿي، رس وهي پٽ پارو.

تڏهن پڄل سر وٺي آيو اليراءِ وٽ. تنهن اڳيون چيس، "تڏ منهنجي ماڪ مان. جو هڪڙو ڏاتار راءِ تنهنکي مارِيندي ترس نه پيئي، سو ڪڏهين موڻ کي به ماريندين." پوءِ اَنالهون جوءِ سوڌو تڏي راءِ ڏياچ جي شهر ۾ آيو. اُچي ڏسي ته سورٺ راڻي ۽ خالقون راڻيون، سي ٽيئي ڏاگهه چڙهن. تڏهن هيءُ به چڙهي وينو ڏاگهه تي. پوءِ سندس زال به چيو، "هڪڙو مڙس آن ڪون لهنديس." نه اها به نپو ڏيئي ڏاگهه چڙهي. سا پيٽ سان هئي. ته پار باهه جي لو سان ٽڪاءُ ڏيئي وڃي ٻاهر پيو. اُنهي کي ماڻهن

گڏالي : ملايم شال ؛ نرم غاليچو.

ڳوهيلو : (ديشي - گهيلو ؛ گجراتي - گهيلون) پاڳل، چريو ؛ مورک.

ڳائي : (سن. گايڪ) ڳائيندڙ ؛ راڳي.

غازي : وير، بهادر ؛ سوڀارو.

غبارو : باهه يا بارود جا گولا اُڇلائڻ واري مشين.

گهوگهرو : ڪونگهرو.

چوکو : سٺو، عمدو.

جميع : سمورو، ڪل ؛ سڀ.

جاچڪ : (سن. ياچڪ) پينو، جاچڪ ؛ گيت ڳائيندڙ ؛ ڀٽ، ڀان.

جال : گهڻا، جام.

جهانڱين : (سن. جهن ؛ جهان) ننڍڙا گهنگهرو ؛ گهنگهٽا ؛ گهنڊ ٽيون.

جهوپاڙڻ : ڇنڊڻ ؛ پيڙڻ.

جهوڙا : (واحد - جهوڙو) ٽولا ؛ ڦندڙ.

ڏهيسر : (سن. دش + شرس) ڏهن سرن وارو ؛ يعني راوڻ.

ڏاگهه : (سن. داهه) چتا ؛ چکيا.

ڏاجيلي : (سن. دايهه) ڏاجي ۾ مليل.

ڏاتارُ : (سن. داتر ؛ داتا) دالي.

ڏانُ : (سن. دان) دان.

ڏونڪو : ٿوري ننڊ ؛ جهوٽو، جهپڪي.

ٽنجڻ : (سن. ٽن/ٽنبج) ننڍڙي ٻار کي ڪپڙي سان ڇڪي، سوڙهو ڪري ٻڌڻ.

تازي : عربي گهوڙا

تنبير : (سن. تنبي ؛ تنبڪ) تنبي مان تيهيل ساز وڄائيندڙ.

تيرچو : ننڍڙو گز يا تارن واري ساز کي وڄائڻ لاءِ ڪماڻچي.

ٽيلاهين : ٽنهن ڪري ؛ ان سببان.

توهڻ : (سن. توش) خوش ڪرڻ ؛ خوش ٿيڻ.

ٿڃ : (سن. ستنيه) عورت جي ڇاتيءَ جو کير.

ڪھاڻين ۾ آيل اوکن لفظن جي معني

اکڙيارو : ايندڙ وقت جي
چاڻ رکندڙ ؛ رشي، جوڳي.
آڳاھي : (عربي - عطائي) اھو
ڪلاڪار جنھن گرو جي
مدد کان سواءِ ڪلا
حاصل ڪئي آھي.
آلو آلو : واھ واھ! شاباش!
آصيل : اَمر ؛ وڏ گھراڻو.
آئيڻ : (سن. آمر) ھائو ؛
ھاڪار.
آکڻ : (سن. آ+کيا) چوڻ.
آوھ : (سن. آ وھ)
جيڪو ٻيجل ٻاڻ سان کنيو
ھو، يعني ساز ؛ سرندو.
اُلڪو : ڳڻتي، چنتا.
اوبر : ٻيڻل ڪاٺ ؛ جوٺ.
اول : (سن. اولاھ) ٻدلي
۾ ڏال ماٺھو، ڪولانڊري،
ضامني.
ڪنارو : (سن. ڪنار)
ندي تلار.
ڪمچي : چابڪ.
ڪرنائي : شھنائي ؛ اولاري.

ڪانڌ : (سن. ڪانت) پيارو
پتار، گھوٽ، مڙس.
ڪان : (سن. ڪانڊ) تير،
ڪان.
ڪاپار : (سن. ڪپال) کوپڙي،
سر.
ڪوٽ : (سن. ڪوٽ) قلعو ؛
شھر.
ڪوتل : سواريءَ لاءِ سنجن
سان، ۽ سوار کان سواءِ گھوڙو.
ڪوڙئين : (سن. ڪوٽ)
ڪروڙين، ھزارين، سھسين.
ڪوپ : (سن ڪوپ) ڪوپ
ڪٿوري : (سن. ڪستوري)
مُشڪ ؛ ڪستوري.
ڪنوڻ : (سن. ڪشھ ؛
ڪشٽڪا) وڄ، ٻجلي.
ڪيڏو : (سن. ڪشيو) اشي
۾ مست، پاڳل. (مونث -
ڪيڏي ؛ ڪيڏون).
ڪڻ : واعدو، وچن.
خاتو : خاتون ؛ عورت ؛
راڻي.

مٽڻ : (اسم مفعول : مٽيو) ڦري ويجهو وڃڻ ؛ سامهون مٿهن ڪرڻ .

موت : (سن . مهتو ؛ مهتا) . مان، عزت ؛ وڏ ماڻهپو .

مهندان : اول، شروع ۾ .

منهو : (سن . منب پ) وڻن ٽڻن ، ولين مان تهيل چيت؛ ککن ڪاڻن جو تهيل ڇپو .

مهري : (سن مهلا) عورت، زال .

مانڪر: (سن . منشيہ) ماڻهو .

مدامي : هميشه، لت .

مُني : ٽوٽي ، ٽڪيو .

رتو ٽڪو : (سن . رڪت ٽڪه) ڳاڙهو سڪو، اشرفي ؛ گني .

رتول : (سن . رڪت 'رڱيل') سهڻن رنگن وارو ڪمرو، رنگ محل .

راءِ : (سن . راجا ؛ پراء رائو، راء) راجا، حاڪم .

روجهه : چٽڪمرو هرڻ يا اهو هرڻ جنهن جا سفيد پير آهن .

ري : (سن . رلي) ڪان سواء .

لڪٽو : (سن . لڪشط) لڪٽن وارو، لکٽو .

لوهو : (سن . لوهہ، لوهت) رت، خون ؛ لوهہ جهڙو سخت بدن .

واڙي : (سن . واٽي) ٻولي، وچن .

واءُ (سن . وايو) هوا، طوفان .

وهاڻي : (سن و + ها، ڇڏڻ ، گذرڻ) پرهه ڦٽي، پرڀات (جڏهن رات گذري وڃي ۽ ڏينهن شروع ٿئي . 'وهامڻ' جو اسم مفعول ۽ ۽ جنس مونث : وهاڻو - وهاڻي).

وينهي و : لت ؛ ٻولو .

شب خابي : رات جو سمهڻ وقت پائڻ لاءِ پوشاڪ، رات جي وقت پائڻ لاءِ ٽوپي .

سنداس : سنان جاءِ ؛ پائخانو .

سبيل : جهجهو، گهڻو .

سرپاهه : سرو پاءُ، سرڪان وٺي پيرن تائين وڳو ۽ پيو سينگار .

ڏوٽي (سن. سٿوڻ) مُٺي، ڏنڀو.

دمر : (سن. ڊمر) ڍهلڙي؛ ننڍي قسم جو هڪ ڍهل.

درماند يون : (ف. درمانده. واحد: درماندي) پريشان؛ حيران.

ڏراوت : امانت

نهڪار : (سن. نهه + ڪار) ناڪار

نالت : لعنت، ڦٽڪار.

نڪتو : نڪتو. 'نڪرڻ' جو اسم مفعول.

نج : (سن. نتيه) نت؛ هميشه.

نڌان : (سن. ندان) آنت؛ آخر ۾؛ نتيجي طور.

پٽولو : (سن. پٽ) ريشمي ڪپڙو؛ پٽ.

پر- گهارڙو : ٻئي ملڪ ۾ گهاريندڙ؛ پرديسي، پرڏيهي.

پر : ريت، طريقو، حالت.

پاڳلا: انهارڪالا؛ پيدار - گهر.

پاٽ : (سن. پاٽو) ڪامل؛ قابل گائڻو؛ راڳيندڙ؛ هوشيار چارڻ.

پار : حالت - ريت.

پس : (سن. اپي) ۽؛ پڻ.

پڇاڙيءَ وارو : پڇتل شخص؛ درويش.

پڇاڙو : پڇاڙان؛ کان پوءِ.

پيشواز : ناچڻين جو ٻگهو جامو؛ جهولدار گائون.

فيل : هاٿي، پيل.

ڀاهڙائڻ : اٿارڻ؛ دربار برخاست ڪرائڻ؛ مجلس ختم ڪرائڻ.

ڀوُن : (سن. ڀو) گهڻو؛ جهجهو.

ڀان : (سن. ڀانڊ؛ ڀنڊ) ڀانڊ؛ چارڻ.

ڀونءِ : (سن. ڀومي) زمين ڌرتي.

ڀير : طرح، ريت؛ نموني.

م : (سن. مه، ما) نه، نڪو.

مڱر : (سن. منگل) اڳمي ڏيوالي ڀاهه؛ ڀاهه جو مچ.

مڱريا : راجپوت چارڻن جي هڪ ذات، جيڪا ڀاهه مان ڀاهر ڪڍيل ڀار جي ونش مان آهي. (ڏسو راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ جو آخري حصو).

اکل ڀارتيه، سنڌي ساهتيه پريشد جا ڇپايل ڪتاب

١. **قلواڙي** (مضمونن جو ڪتاب)

٢. **ميگهه دوت** (سنسڪرت جي ڪوي ڪاليداس جي 'ميگهه دوت' ناالي ڪاويه جو سنڌي نظم ۾ ترجمو)
ليکڪ: ڪشنچند تولارام جيٽلي

٣. **پنج گنج** (ڀارتيه ڪاويه شاستر جا سدانت)
ليکڪ: جهمٽمل ڀاوناڻي

٤. **سنڌي اکرن جي پراچينتا ۽ اُنهن جي پرچار جي ضرورت**
(سنڌي هٽ واڻڪن اکرن جو اِتهاس)
ليکڪ: ڪشنچند تولارام جيٽلي

٥. **"موهن جي دڙو" جي سنسڪرتي، موهن جي لپي ۽ ڀاشا**
(موهن جي دڙي جي لکاوٽ ۽ سڀيتا تي هڪ کوجنالمڪ ڪتاب)
ليکڪ: ڪشنچند تولارام جيٽلي

٦. **سنڌي نالن ۾ سنڌيت جي سڳنڌ**
(سنڌين جي نالن ۾ سمايل اِتهاس جي کوج)
ليکڪ: ڪشنچند تولارام جيٽلي

٧. **اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون**
(سنه ١٨٤٩ع ۾ جارج اسٽئڪ جي 'سنڌي گرامر' ۾ شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)
ليکڪ: مرليڌر جيٽلي

سرفراز : وڏي عهدي تي پهتل؛ اوچو پد حاصل ڪيل.

سوسين : (سن. سهسر) هزارين.

سوت ـ ڪندرو : خراساني ڪونئر؛ وڏ ماڻ نڪرندڙ هڪ قسم جو ڪونئر، جيڪو ڪمانچي جي وارن کي گهٽڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. (صوت ـ ڪندرو).

سڪپال : (سن. سک + پال) پالڪي، ڏولي.

سروج : (ف. سرود) هڪ قسم جو تارن وارو ساز.

هنباري : آنباري، پالڪي.

هڻائين : هتائين.

هڻور : (سن. هم + ور) شاندار گهوڙا؛ اوچي نسل جا گهوڙا.

(سن. ـ سنسڪرت؛ پرا ـ پراڪرت
ف ـ فارسي.)

جلد ئي شايع ٿيندڙ ٻيا ڪتاب

١. سنڌي هم - معنيٰ لفظن جي لغات
٢. سنڌي - سنسڪرت شبد ڪوش
٣. سنڌي ويتپتي ڪوش (سنڌي لفظن جي تاريخي اوسر ۽ ٻين ٻولين جي لفظن سان ڀيٽ ڏيکاريندڙ ڪوش)
٤. سنڌي لکن جو اتهاس
٥. شاهه عبداللطيف جي ڪلام جو لسانياتي اڀياس
٦. سنڌي اصطلاحن ۽ ٻهاڪن ۾ سنڌيت

ڪتابن ملڻ جا هنڌ

1. Shri Kishinchand T. Jetley
   Akhil Bharatiya Sindhi Sahitya Parishad,
   1/5 Saraswati Housing Society,
   819-A, Bhawani Peth, PUNE-411 042

2. Dr, Murlidhar k. Jetley
   Head of Sindhi Section,
   Department of Modern Indian Languages,
   University of Delhi, DELHI-110 007

3. Sri Krishna Stores,
   Book - Sellers & Publishers,
   Purani Mandi, AJMER - 305 001

4. M/s Jagdish Book Depot,
   Main Bazar,
   ULHASNAGAR- 421 002 (Maharashtra)

ليکڪ جي واقفيت

مرليڌر ڪشنچند جيٽلي (جنم: ٧ نومبر، ١٩٣٠، حيدرآباد سنڌ)، ايم. اي. (هندي - سنسڪرت)، ايم. اي. (لنگئسٽڪس)، ڊاڪٽر آف فلاسافي (لنگئسٽڪس: "سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي بناوٽ" موضوع تي تحقيقي مقالو)؛ پروفيسر - سنڌي ڀاشا، ڀارتيه ڀاشا وڀاڳ، دهلي يونيورسٽي، دهلي.

چونڊ رچنائون: سنڌي ساهتيه جو اتهاس (اڻويهين صدي عيسويءَ کان وٺي سن ١٩٧٠ تائين سنڌي ساهتيه جو وڪاس)؛ **لالچند امرڏنومل جڳتياڻي** (سنڌس جيون چرتر ۽ رچنائون)؛ **هوتچند مولچند گربخشاڻي** (سنڌس جيون چرتر ۽ رچنائون: سمپادن ڪيل موتيلال جوتواڻيءَ سان گڏ)؛ **اتهاسڪ آکاڻيون** (هنديءَ مان ترجمو)؛ **ميگهدوت** (ڪاليداس جي مشهور سنسڪرت ڪاويه جي سمجهاڻي)؛ **آوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون** (جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ سن ١٨٤٩ ۾ ڇپيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو)؛ **سنڌي پهاڪا** (ڀارتيه ڪهاوت ڪوش: سمپادڪ: وشوناٿ دنڪر نروڻي جي ڊڪشنريءَ ۾ پندرهن سؤ کن چونڊ سنڌي پهاڪا، انگريزي ۽ هندي ترجمي سان گڏ)؛ **سنڌي وياڪرڻ** (ٽن ڀاڱن ۾، سترامداس جڙ ڀاسنگهاڻي "سائل" ۽ پرسي گدواڻيءَ سان گڏ لکيل ۽ گجرات سرڪار جو ڇپايل)؛ **هندستاني فار دي ٽوئرسٽ** (انگريزيءَ ۾)؛ "ڀارتيه ساهتيه ڪوش" پروفيسر نگيندر جي ڊڪشنريءَ ۾ چونڊ سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن جي هنديءَ ۾ ڏنل واقفيت) **پنڃر مانو** ('مشيني ماڻهو' ڪتاب جو هنديءَ ۾ ترجمو). انهن کانسواءِ سنڌي، هندي، انگريزي ڪتابن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيل اَسي کن تحقيقي مضمون.